# لُغات

# سنڌي مُخفّفات


مصنّف

مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ


Gul Hayat Institute


١٤١١ھ/١٩٩١ع

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ.

# لغات
# سنڌي مخفّفات

مصنّف

مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ

Gul Hayat Institute

١٤١١ھ/١٩٩١ع

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ.

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڇاپو پهريون | ١٩٩١ع |
| نالو | لغات سنڌي مخفّفات |
| مصنّف | مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ |
| موضوع: | علم اللغات |
| تعداد: | ٻه هزار |
| ڪمپوزنگ: | رستم علي ۽ ناهيد سولنگي |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ |
| قيمت: | ١٠٠-٠٠ روپيه |

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

هي ڪتاب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ جي پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو.


Gul Hayat Institute

# فهرست


| نمبر | نالو | | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| ١ | ناشر جو نوٽ: | ولي محمّد "ولي سروري" | (ب) |
| ٢ | ٻه لفظ: | مخدوم محمّد زمّان طالب المولىٰ | (ٻ) |
| ٣ | روشني | احمد خان آصف مصراڻي | (پ) |
| ٤ | مقدمو: | ڊاڪٽر غلام علي الانا | (ت) |
| ٥ | باب پهريون: | اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف | ١ |
| ٦ | باب ٻيو: | اسم عام ـ مونث | ٥٠ |
| ٧ | باب ٽيو: | مصدري لفظ | ٨٠ |
| ٨ | باب چوٿون: | ٻِنِ لفظن جا مخفف | ١١٤ |
| ٩ | باب چوٿون (الف): | هم آواز لفظن جا مخفّف | ١٢١ |


Gul Hayat Institute

# ناشر طرفان

زبان کي سمجھڻ لاءِ نہ فقط غير زبان وارن کي پر خود اهل زبان کي بہ لغات جي ضرورت پوندي آهي. فطري زبان پنهنجي سماجي ڪارج سان خود بخود گاس پيس مان گذرندي آهي. جاگرافيائي تقاضائون بہ زبان ۾ قطع بريد جو ڪم ڪن ٿيون. ڪڏهن پاڙيسري ۽ همعصر زبانن سان سماجي واهپي هئڻ ڪري زبان متاثر ٿئي ٿي جيڪو هڪ قدرتي عمل آهي.

سنڌي زبان اهڙي فطري زبان آهي جيڪا صدين کان، مٿي عرض ڪيل مرحلن مان گذرندي رهي آهي. هر آيل جو آدرياءُ ڪري پنهنجي جهولي پريندي رهندي آهي. سنڌي زبان جي انهيءَ عمل سان سندس وسعت ۽ خيال جي ادائگيءَ ۾ آساني لاءِ اهل زبان کي بجا طور تي فخر ڪرڻ جو حق آهي.

لفظن جا ڇِل ڇوڏا لهڻ ۽ قد و قامت ۾ ڦير ڦار اچڻ نئين ڳالهہ ڪانهي. انهيءَ موضوع تي انگريزي ادب ۾ مددي ڪتاب ملن ٿا ليڪن هندستاني زنده ٻولين ۾ مواد خير ڪو آهي.

"لغات سنڌي مخففات"؟ پنهنجي موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان، قواعد، صوتيات، ۽ زبانداني جي ماهرن لاءِ وڏي وٿ آهي. فاضل مصنف جي علمي بصيرت، گيرائي ۽ مطالعي جي گهرائي لاءِ سندس هيءَ ڪاوش منفرد، بي مثل ۽ بي بها آهي. هن مواد ڇپجڻ سان سنڌي زبان تي تحقيقات جو رخ بدلبو ۽ هڪ نئين باب جو خاطر خواه اضافو ٿيندو. جڏهن بہ سنڌيءَ جي صوتيات تي لکبو تہ هيءَ ڪتاب ان جي رهبري ڪندو ۽ هن جي تذڪري کانسواءِ اها تحقيقات تشنہ سمجهي ويندي.

آئون پنهنجي واجب الاحترام قبلہ چيئرمين صاحب جو ٿورائتو آهيان جن هن تصنيف کي بحيثيت مصنف جي اسانکي ڇاپڻ جي اجازت مرحمت فرمائي. بورڊ آف گورنرس جي فاضل ميمبر صاحبان جي رهبري ۽ تعاون جو بہ شڪر گذار آهيان مون سان گڏ بورڊ ۾ ڪم ڪندڙ سائين جي محنت جو بہ معترف ۽ مشڪور آهيان.

اُميد تہ هيءَ ڪتاب اهل زبان ۽ سنڌي زبان جي گهڻ گهرن وٽ خراج حاصل ڪندو. آمين.

**ولي محمّد رونجهو**
ولي سروري
سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ،
ڄام شورو سنڌ

۱۵ جنوري ۱۹۹۱ع.
ڄام شورو

Gul Hayat Institute

# ٻه لفظ

سنڌي زبان ۾ "مخفّف" لفظن جي وڏي ضرورت هئي جا هن "لغات سنڌي مخففات" توري حد تائين پوري ڪري ڇڏي آهي.

سنڌي سڄڻن کي گھربو هو ته اج ڪان گھڻو اڳ هن لغات جي نموني جي هڪ مڪمّل لغات لکي اديبن ۽ شاعرن جي هٿن ۾ رسائين ها مگر هي خوشي ۽ خوش نصيبي جي ڳالھ ڇئبي جو اهو ڪم منهنجي هٿان ئي ٿيڻو هو   الحمدالله.

آئون سنڌي سڄڻن کي اپيل ڪريان ٿو ته جنهن تصنيف جي مون ڪوشش ڪئي آهي، ان کي هو ڪامياب (مڪمّل) بنائين ته جيئن سنڌي هاڻوڪا ۽ ايندڙ نسل پنهنجي مادري پدري زبان کي سٺي طرح سمجھن.

طالب المولیٰ

١٥/ ڊسمبر ١٩٩٠ع

٢٦/ جمادي الاول ١٤١١ھ

چنچر، هالا شريف

Gul Hayat Institute

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# روشني

لغات سنڌي مخفّفات, جو مواد قبلہ مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولیٰ جن، جدا جدا نوٽبوڪن، چوپڙين، بلڪ چٺڪين تي ڪٺو ڪري انکي باقاعدي ترتيب ڏيڻ لاءِ هڪ خاص نوٽبوڪ تي، ڪم بہ شروع ڪيو هو. مگر لڳاتار طبيعت جي ناسازي، سروري جماعت جي سالاري، ٻين ذميدارين. مشغولين ۽ مصروفيتن سبب اهو ڪم روڪي ڇڏيو هوائون.

مون لاءِ فخر جي بات آهي ۽ آئون پاڻکي خوش نصيب ٿو سمجهان جو اُهو سمورو مواد ترتيب ڏيڻ لا ءِ منهنجي حوالي ڪيائون. مون انهيءَ مواد کي هيٺين طرح ترتيب ڏنو آهي.

پاڻ جيڪو مواد خاص نوٽبوڪ ۾ ترتيب ڏنو هوائون انکي هِن لغت جو اساسي سرمايو سمجهندي. منڍ ۾ درج ڪيو اٿم، جيئن سندن انفرادي ڪارنامو نمايان رهي.

سموري ميٽر کي الف بي وار ترتيب ڏيڻ وقت الف بي جو سلسلو باراٽي ڪتاب ١٩٣٠ع واري ڇاپي، جنهن جو عڪس "ديوان طالب المولي" جي صفحي ٩ تي ڏنل آهي. ان موجب رکيو اٿم.

سيني لفظن کي ڇئن بابن ۾ ورهايو ويو آهي پهرئين باب ۾ اسم، ضمير، صفت. ظرف. فعل وغيره لفظن جا مخفف ڏنا ويا آهن. ٻيو باب خاص ڪري اسم عام مونث (جمع) لفظن جو آهي. (ڪي ٿورا اسم مذڪر بہ آهن) جن مان "ي" ڪيڻ سان مخفّف ملي ٿو. مثلاً.

| لفظ | مخفف |
|---|---|
| اَکيُن | اَکِن |
| دَکين | دَکن |
| مَکين | مَکن |
| سَکين | سَکن وغيره |

Gul Hayat Institute

روشني رهي تہ اهڙا الفاظ گهڻا ئي ڪٺا ڪري سگهجن ٿا پر ڪتاب جي ضخامت جو خيال رکندي هر هڪ حرف جا ٿورا لفظ ڏنا ويا آهن. ٽئين باب ۾ اسم مصدر مان نڪتل لفظن جا مخفّف موجود آهن. هنن جو انداز بہ ٻي انداز تي سگهي ٿو. تنهنڪري هر هڪ مصدر مان ٿورا الفاظ آندا ويا آهن. چوٿين باب ۾ ڪن ٻٽن لفظن جهڙوڪ:

| | |
|---|---|
| ڀتو | مخفّف |
| سنڌ جو | سنڌي |
| هند جو | هندي |
| عربستان جو | عربي |

يا

لوھ وارو = لھر

سون وارو = سونارو

وغيره جا مخفّف درج ٿيل آهن. ڪن هم آواز لفظن جهڙوڪ:

موهين = موهِن

ڪوهين = ڪوهِن

ڳوهين = ڳوهِن

جا مخفف بہ لکيا ويا آهن.

مواد تمام گهڻو موجود ٿيل آهي. هن لغات ۾ فقط ٢١٠٠ڪن الفاظ ڏنا ويا آهن. البت ڪٿي لفظن جي ترتيب بہ هيٺ مٿي ٿي آهي. سچ پچ تہ آئون سائين طالب المولىٰ صاحب جن جو شڪر گذار آهيان جو مونکي هن ڪم ڪرڻ جي لائق سمجهي پنهنجو قيمتي گڏ ڪيل لفظن جو ذخيرو منهنجي حوالي ڪرڻ فرمايائون.

محترم انور هالائي صاحب جو بہ شڪر گذار آهيان جو هن صاحب لغات جي ترتيب ڏيڻ لاءِ مفيد رٿون پئي ڏنيون. اميد آهي تہ هيءَ لغات سنڌي لغوي ڪتابن ۾ منفرد سمجهي ويندي.

احمد خان آصف مصراڻي
اديب فاضل

Gul Hayat Institute

# مقدمو

آءُ پنهنجي هڪ دلگهرئي دوست جي ايئرپورٽ تي آجيان ڪرڻ لاءِ ڪراچي ويل هوس ۽ ڪنهن ٻئي ڪم سانگي ڪراچيءَ ۾ ٻه ـ ٽي ڏينهن ترسڻو پيم. واپس موٽڻ تي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ جنهن شيءِ منهنجو فوراً ڌيان ڇڪايو اها شيءِ هئي منهنجي ميز تي رکيل هڪ فائيل. هڪدم اهو فائيل کنيم ۽ کولي ڏٺم. منجهس ٻئي مواد سان گڏ متان ئي متان، منهنجي مهربان ۽ نوجوان ساٿي ۽ سڄڻ، مخدوم جميل الزّمان سائينءَ جن جو، مون ڏانهن لکيل خط پيل هو، جنهن جو مضمون هوُبَهو نقل ڪريان ٿو.

4.10.90

هالا شريف

محترمي و مڪرمي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب

السلام عليڪم،

اُميد آهي ته هميشه بخيروعافيت هوندا.

مرشدنا قبلا مخدوم محمّد زمان طالب المولي سائين جن جي حڪم مطابق، سندن ۽ مرحوم سنڌي اُستاد شاعر احمد خان "آصف" مصرائي صاحب جو گڏ مرتب شده ڪتاب، "لغات سنڌي مخففات" جي مسودي جي مڪمل فوٽو ڪاپي اوهان ڏانهن مفصل مقدمي واسطي موڪلجي پئي: مذڪور ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي هلندڙ سال جي شيڊول تي منظور ڪيل آهي. آءُ سمجهان ٿو ته آچر ڏاري سيڪريٽري بورڊ وٽان پڻ ساڳئي مقصد وارو خط اوهان تائين پهچندو ـ حالانڪ اوهان بيحد مصروف آهيو تاهم اُميد آهي ته هن ڪم جو اُڪلاءَ جلد ڪندا ته جيئن ڪتاب ترت منظرِ عام تي اچي سگهي. مهرباني

والسلام

اوهان جو

مخدوم جميل الزّمان

مون کي جميل سائينءَ جو اهو خط پڙهي حيراني ٿي. سوچ ۾ پئجي ويس ته قبليٰ مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ سائينءَ جن، سندن هن هڪ اهم ڪتاب جي مقدمي لکڻ لاءِ مون جهڙي ادنيٰ انسان جو انتخاب ڪيئن ڪيو ۽ ڇو ڪيو؟ وري ساڳئي فائيل ۾ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جو لکيل آفيشل خط به موجود هو جيڪو ٩ـ١٠ـ١٩٩٠ع تي لکيل هو. لکيو هئائين:

Gul Hayat Institute

"اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪتاب جي معيار جي پيش نظر
ڪتاب جو مقدمو لکڻ جو ڪم اوهان صاحبن جي حوالي
ڪجي."

مذڪور ڪتاب جي مواد تي بي صبريءَ وچان، تڙتڪڙ ۾، نظر وجهندو ويس ۽ پنا اُٿلائيندو ويس ۽ پنهنجي حالت ۾ تبديلي محسوس ڪيم. منهنجا ٻار مون ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ حيران به هئا ڇو ته ڪين ڄاڻ هئي ته آءٌ جڏهن به ڪٿ اڏ ڏينهن ڪٿي ٻاهر ٽڪي گهر موٽندو آهيان ته ٻارن سان ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان ملندو آهيان. اهو ڪو نياڳو مائٽ هوندو جيڪو پنهنجن ٻارن سان پيار نه ڪندو هوندو. آءُ ٻاهران واپس موٽڻ کان پوءِ پنهنجين نياڻين جون پيشانيون چُمندو آهيان ۽ ڪين ڀاڪر پائي پيار ڪندو آهيان. پر اڄ مون نه ڪنهن جي پيشاني چمي، نه ڪنهن کي ڀاڪر پاتو ۽ نه ڪنهن سان پيار ڪيو: بس ايندي شرط هن فائيل کي ڪڍڻ سان ئي ذهني طور گم ٿي ويس. ٻارن سوچيو ته آخر هن فائيل ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي جنهن اسان جي پيءُ کي اسان کي پيار ڪرڻ کان پري ڪيو آهي: هنن پاڻ ۾ چڻ پڻ ڪئي ۽ چيو ته هن فائيل ۾ اُها ڪهڙي، مٺيا آهي جا "پپا" کي اسان کان وڌيڪ مني لڳي آهي: ۽ ڪيس اسان کان به وڌيڪ پياري لڳي آهي. آخر منهنجي نياڻي "ڊاڪٽر ماهه ميل" جيڪا مون سان هميشه دل جهلي، همت ڪري ۽ حجت سان ڳالهائيندي آهي، چيو ته: "پپا!! هن فائيل ۾ ڇا آهي جو اوهان اچڻ شرط اُن کي لڳي ويا آهيو ۽ اسان سان به ڪونه ڳالهايو اٿو؟" منهنجي نياڻيءَ جي انهن لفظن مون کي هوش ۾ آندو: چيومانس ته پٽ معاف ڪجو! آءٌ واقعي شرمسار آهيان. هن فائيل ۾ سنڌ جي هڪ عظيم روحاني رهبر، سنڌ جي هڪ عظيم عالم، شاعر ۽ اديب، قبليٰ طالب المولىٰ سائينءَ جن جو تصنيف ڪيل هڪ ڪتاب آهي، جنهن جي مقدمي لکڻ لاءِ سائين جن مون کي حڪم فرمايوآهي. آءُ ان ڪري سوچ ۾ پئجي ويو آهيان ته مخدوم صاحب جن مون کي هن ڪتاب جي مقدمي لکڻ لاءِ ڇو منتخب ڪيو آهي، جڏهن ته هن ميدان ۾ وڏا وڏا عالم ۽ فاضل موجود آهن. آءٌ سندن بيحد شڪرگذار آهيان جو پاڻ مون کي اهو مرتبو عطا فرمايو اٿن. بهرحال اها ڳالهه منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي ته مخدوم صاحب جن اهو فيصلو ڇو ڪيو؟

پڙهندڙ جڏهن هن لغات جو مطالعو ڪندا تڏهن هو خود فيصلو ڪندا ته هيءَ لغات علم اللسان جي لحاظ کان عموماً ۽ سنڌي زبان لاءِ خصوصاً ڪيتري قدر نه هڪ اهم، اعليٰ سرمايو ۽ علمي اساسو آهي. طالب المولىٰ سائينءَ جن جهڙي اعليٰ آدرشي انسان جي اسان جي نظرن ۾ عظمت ۽ اعليٰ مرتبو اِن ڪري ڪونهي ته پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمئن آهن: سندن اعليٰ ۽ عظيم هجڻ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمئنيءَ جو ڪو به واسطو ڪونهي، بلڪ آءٌ ته ائين چوندس ته سنڌي ادبي بورڊ جي عزت

يا عظمت ۾ واڌارو ان ڪري به ٿيو آهي جو طالب المولىٰ سائينءَ جن هن اداري جا سربراهه آهن ۽ ان جي بورڊ آف گورنرس جا چيئرمئن آهن. ڪي ادارا پنهنجن ڪمن ۽ ڪارڪردگين جي ڪري اونچا سمجهيا ويندا آهن. ته ڪي ادارا وري ڪن اعلىٰ، مهان ۽ قداور علمي ۽ ادبي شخصيتن جي ڪري اونچي منزل تي ڳڻيا ويندا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي عظيم هجڻ يا عظيم اداري جي حيثيت ۾ اُن جو شمار طالب المولىٰ سائينءَ جن جي ذات ۽ سندن علمي، ادبي ۽ قداور شخصيت هجڻ جي ڪري به آهي. هن بورڊ گذريل زماني ۾ سندن ئي چيئرمئنيءَ واري دور ۾، پاڪستان ته ڇا، پر سڄيءَ دنيا ۾ شهرت حاصل ڪئي هئي.

هن لغات يعني "لُغات سنڌي مخفّفات" جي باري ۾ ڪجهه خيال ظاهر ڪرڻ کان اڳ هيٺين نڪتن کي سمجهڻ ضروري آهي. اُهي نڪتا هي آهن:

(الف) لغت ڇا آهي؟

(ب) لغت نويسي ڇا آهي؟

(ت) لغت نويسيءَ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اصول ۽ پئمانا آهن؟

(ث) لغت جا ڪهڙا ڪهڙا قسم آهن؟

(ج) روزمره جي استعمال ۽ رائج لفظن تي مشتمل لغات لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟

سنڌ جي قابل فخر سپوت ۽ بين الاقوامي شهرت جي عالم ۽ فاضل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مرتب ڪيل لغات، "جامع سنڌي لغات" ۾ لغت، لغت نويسي ۽ خاص ڪري جامع سنڌي لغات جي باري ۾ پنهنجن املهه ويچارن سان نوازيو آهي، پر اُن هوندي به اينسائڪلوپيڊيابرٽنيڪا ۽ ڪن ٻين بين الاقوامي لغتن جي حوالي سان لغت ۽ لغت نويسيءَ جي اصولن جي باري ۾ وضاحت ضروري آهي ته جيئن "لغات سنڌي مخفّفات" جي تيار ڪرڻ لاءِ قابلِ احترام مصنّف ۽ اُن جي مُدير جي طرفان ڪيل محنت ۽ مفهوم سمجهه ۾ اچي سگهي.

هن ڪتاب جي مقدمي ۾ مون ڪوشش ڪري سِرا (عنوان) ۽ اُنهن جا حصا (ذيلي عنوان) ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن نه فقط "لغات سنڌي مخفّفات"، پر هر قسم جي لغات جو مفهوم ۽ مقصد سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. پڙهندڙن ۽ کوجڪن جي سهوليت لاءِ هن مقدمي ۾ بيان ڪيل ڳالهين جو نچوڙ ۽ تت، ڌارڌار عنوانن جي صورت ۾ ڏنو اٿم. مقدمي جي اندرين صفحن ۾ ڪيل وستار جو وچور يا تت هن ريت آهي:

١ـ لغت ۽ لغت نويسيءَ جي وصف، اصول ۽ فن

٢ـ لغات جا قسم

Gul Hayat Institute

٣ـ سنڌي لغات / لغت نويسي
(الف) سنڌي لغات جي ابتدا
(ب) مشهور سنڌي لغتون
٤ـ لغات سنڌي مخفّفات
(الف) علم اللسان جي لحاظ کان اهميت
(ب) مواد جي ترتيب
(ت) هيءَ لغات عام ٻوليءَ (Colloquial) يا ڪنهن هڪ لهجي جي نمائندگي ڪري ٿي.
(ث) هيءَ لغات سڄيءَ سنڌ جي رائج اُچار جي نمائندگي ڪري ٿي يا انفرادي اُچار جي نمائندگي ڪندڙ آهي.
(ج) هيءَ لغات سنڌي شاعريءَ ۾ وزن جي پورائيءَ لاءِ لفظن جي اُچارن جي نمائندگي ڪري ٿي.
(ح) ويا ڪرڻي خصوصيت
(i) سَنڌيءَ (assimilation) جي اصولن ۽ قانونن جي نمائندگي
(ii) صرف ونحو جي اصولن ۽ قانونن جي نمائندگي
(iii) هن لغات جي سنڌي ٻوليءَ ۾ افاديت

مٿي ڏنل اهي موضوع يا عنوان تفصيل سان، ايندڙ صفحن ۾ بيان نه ٿي سگهيا آهن، پر ان هوندي به اها ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته هر موضوع جا مثال ڏنا وڃن ته جيئن آئنده لغات واري موضوع تي مفصل مطالعو ڪرڻ ۾ مدد ملي. ۽ هن لغات يا ٻين لغتن جي لاءِ ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي.

## ١ ـ لغات جي وصف:

هن تعارفي تفصيل کان پوءِ هڪ هڪ موضوع تي هيٺ روشني وڌي ويندي. سڀ کان پهرين هن سوال تي روشني وجهڻي آهي ته لغت ڇا کي ٿو چئجي؟ يعني لغت نويسي ڇا آهي، ۽ اُن لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟ پنهنجيءَ ڄاڻ، مطالعي ۽ مواد جي پيٽڻ کان پوءِ اهو واضع طور چئي سگهجي ٿو ته:

> ”لغات اهو بنيادي، حوالن لاءِ تيار ڪيل ڪتاب يا مواد آهي جنهن ۾ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ مروج / رائج لفظن کي الف-ب وار گڏ ڪري انهن لفظن جي اچارن، تلفظ، لفظن جي لکڻ لاءِ هِجي (Spelling) ، انهن لفظن جي معنائن، مفهوم، سمجهاڻي، ذاتن، بنيادي صورتن، صيغن ۽ اشتقاقن کان سواءِ

جملن، فقرن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، شعرو شاعريءَ کان سواءِ اُنهن جو خطي وار استعمال، مفهوم ۽ ڪارج سمجهايل هجي.

"لغتون جيئن تہ ڌار ڌار قسمن تي مشتمل هونديون آهن، ان ڪري ڪن خاص قسم جي لغتن ۾ خطيوار جاتيوار ۽ ڏنڌيوار لفظن جو ذخيرو گڏ ڪيل هوندو آهي."

اينسائڪلوپيڊيابرٽئنيڪا ۾ لغات جي وصف هن ريت ڏني ويئي آهي:

"لغات (Lexicon) ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن جي الف ـ ب وار ترتيب جو اهو مجموعو يا ڪتاب آهي جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظي خزاني جي گڏ ڪيل هر هڪ لفظ يا اُن لفظ جي حصن کي گڏ ڪري، اُنهن جي معنيٰ، مفهوم ۽ وصف سمجهائي ويئي هجي. لفظن جي اهڙي ميڙ يا مجموعي ۾ اُهي لفظ يا تہ اُن فرد (ماڻهوءَ)، جي پنهنجي ماحول ۾ رائج هوندا، جنهن اُها لغات جوڙي هوندي، جيڪي (اهي لفظ) هُو پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو گفتگو ۾ ڳالهائيندا هوندا، يا ڪن ڪتابن، دستاويزن، لکيتن، ڪاغذن پٽن، علم ادب ۽ شعروشاعريءَ مان چونڊ ڪري گڏ ڪيا هوندا، ۽ يا وري هنن لفظن جو اهو ذخيرو، ڌار ڌار ڪرت وارن، ڏنڌو ڪندڙ ماڻهن، پيشه ورن، هنرمندن، ڪاسبين توڙي خاص موضوعن سان دلچسپي رکندڙن وٽان گڏ ڪيو هوندو."(١)

جان رچرڊسن، لغات جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"لغت جي معنيٰ آهي ٻولي، گفتگو (ڳالهائڻ) يا لهجو. انگريزيءَ ۾ هن، لغات لاءِ Lexicon لفظ ڪم آندو آهي: علم لغات لاءِ Lexicography ۽ لغات نويس لاءِ اهلِ لغت يعني The Writer of a Dictionary (٢)

Gul Hayat Institute

## ٢ ـ لغات جا قسم

لغتن جا ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن ۽ ڏنا ويا آهن. هر شاهوڪار زبان ۾ لغتن جا قسم ڪثرت ۾ ملن ٿا. سنڌي زبان بہ جيتوڻيڪ ننڍي ڪنڊ جي شاهوڪار زبانن

(1) "Encyclopaedia Britanica", Micropaedia, Vol: VI, 15th Edition, 1983, pp. 187 & 532

(2) John Richardson, "Dictionary of Persian, Arabic and English", revised & improved edition, Lahore, Sang-e-Meel publication, 1984, pp. 1269

مان هڪ آهي پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي ۽ آزاد راءِ ڏني وڃي تہ هيئن چئبو تہ سنڌي زبان ۾ لغات جي سلسلي ۾ اجا ايترو گهڻو ڪم ڪونہ ٿيو آهي جو هن زبان کي انگريزي، فرينچ، جپاني، بنگالي، هندي يا ٻين مشرقي يا مغربي ملڪن جي زبانن تہ ٺهيو پر ڏکڻ ـ ايشيا جي زبانن سان ڀيٽي سگهجي؛ پر تنهن هوندي بہ اها دعوا ڪري سگهجي ٿي تہ اردو زبان سميت، پاڪستان جي ٻين زبانن جي مقابلي ۾ سنڌي زبان ۾، سرڪاري مدد نہ ملڻ جي باوجود، تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي ۽ هيءَ زبان انهن زبانن کان وڌيڪ ترقي يافتہ آهي ۽ اڳتي آهي. منهنجي هن دعوا جي دليل لاءِ مون وٽ ڪيترائي مثال موجود آهن، پر انهن جي باري ۾ تفصيل سان هن مقدمي ۾ لکڻ موضوع کان ٻاهر ٿيندو؛ البت ايترو لکڻ مناسب ٿو سمجهان تہ ائين سمجهڻ خوش فهمي ٿيندي تہ سنڌي زبان ۾ هر قسم جي لغت موجودآهي، يا ان سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ وڏو ۽ باقاعدگيءَ سان ڪنهن منصوبہ بنديءَ موجب ڪم ٿيو آهي.

پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ هيٺ لغتن جي ڌار ڌار قسمن جي باري ۾ وضاحت کان پوءِ انهن ڌار ڌار قسمن وارين لغتن جي سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ ٿيل ڪم ۽ تحقيق جو جائزو وٺبو تہ جيئن هن ڪيتر ۾ سنڌي زبان جي شاهوڪاري، وسعت ۽ علمي ادبي خزاني جي باري ۾ پتو پئجي سگهي.

مطالعي جي مدد سان لغتن جا هيٺيان ڌار ڌار قسم مقرر ڪري سگهجن ٿا:

(الف) لهجي ـ وار يا اُپڀاشا/اُپڀاشائن تي مشتمل لغات ـ هن قسم واري لغات ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لهجي يا لهجن ۾ رائج لفظن جي ذخيري کي گڏ ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هن ڏس ۾ لهجن تي ڪو گهڻو ڪم ڪونہ ٿيو آهي، پر تنهن هوندي بہ هيٺيان ڪتاب هن موضوع ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن/اُپڀاشائن ۽ روزمره واري ٻولي/ٻولين تي مواد ملي ٿو:

(i) سنڌي ٻولي جي تاريخ
(ii) ڀيلاين جا ٻول
(iii) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ
(iv) تاريخ ريگستان
(v) بدنصيب ٿري
(vi) آفتاب ادب
(vii) سير ڪوهستان
(viii) لاڙ جو سير

Gul Hayat Institute

(ix) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ
(x) سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي
(xi) ڪڇين جا قول
(xii) سبي واري علائقي ۾ ٻولين جو لساني جائزو
(xiii) لاڙ جي لغت

هن ڏس ۾ ڀارت ۾ ڀاشاوگيان جو مشهور سنڌي عالم، ڊاڪٽر پرسو گدوائڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت" ۾ ڪافي رهنمائي ڪري ٿو. هُو لکي ٿو:

"ٻني ۽ ڪڇ جي دوري کان اڳ منهنجي من ۾ هميشه پيڙا هوندي هئي ته اڄ ڀارت جي غير سنڌي ڀاشا وگيانين کي پنهنجا ڳوٺ آهن. نه فقط ايترو پر ڳوٺن ۾ ڳالهائجندڙ انيڪ اُپڀاشائن جا قسم به آهن. ان سبب انهن لاءِ انيڪ ٻوليائي فرقن تي ڪم ڪرڻ جو وسيع دائرو آهي: پر منهنجي لاءِ فقط شهري سنڌي ٻوليءَ جا نمونا ئي ڪم ڪرڻ لاءِ موجود آهن. خاص ڪري جڏهن به الڳ الڳ پرديسين ۾ سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ سمپوزيمن ۾ ويندو هوس ۽ پنهنجي ڀاشا وگياني دوستن کي الڳ الڳ جاتياتي اُپڀاشائن (جيئن جت، سوڍا، سما، سومرا ۽ ٿيٻا وغيره) يا وري الڳ الڳ ڌنڌي جي آڌار تي ٺهيل اُپڀاشائن (جيئن ڪنير، مهاٽا، لوهار، رازا وغيره) جي اڀياس تي مقالا پيش ڪندي ڏسندو هوس تڏهن بيحد پيڙا محسوس ڪندو هوس. ڪيترا دفعا ته پنهنجي ڪمري ۾ اچي روئندو هوس ۽ ورهاڱي جي درد کي سهڻ کان ٻاهر محسوس ڪندو هوس. پر هاڻي جڏهن سيمينار تي ويندو آهيان تڏهن شان سان پنهنجن مقالن ۾ سنڌي ڳوٺاڻن جي ٻوليءَ جي الڳ الڳ پهلوئن جا بيان ڪندو آهيان ۽ انهن جا ئي مثال ڏيندو آهيان. مون کي ائين ڪرڻ سان حد کان وڌيڪ خوشيءَ جو احساس ٿيندو آهي. مون کي هينئر ڀارت جي سنڌي ٻولي ۾ مڪملتا نظر ايندي آهي"(١)

(ب) جاتيوار ٻولين جي لغات ـ ڊاڪٽر گدڙاڻيءَ جي متينءَ راءِ مان ظاهر تو ٿئي ته الڳ الڳ جاگرافيائي يا ٻوليائي اُپڀاشائن کان سواءِ ڌار ڌار جاتياتي اُپڀاشائن تي

(١) پرسو گدوائڻي، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت". گانڌي نگر، گجرات اڪادمي، ١٩٨٩ع، ص ص ٢ ۽ ٣.

مشتمل لفظن جو ذخيرو گڏ ڪري انهن جون لغتون ناهيون ويئيون آهن. گدواڻي صاحب پاڻ هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن جي راءِ موجب جت، سوڍا، سما، سومرا الڳ الڳ قومون يا جاتيون آهن، جن جي جاتيوار اُپڀاشائن/محاورن ۾ فرق آهي، يعني انهن جون جاتيوار اُپڀاشائون آهن: هر هڪ اُپڀاشا جي لفظن کي گڏ ڪري ڌار ڌار جاتيوار لغات ناهيون ويئيون آهن. هن ڏس ۾ ڀارت ۾ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي: خاص ڪري ڏکڻ هندستان جي اَنمل يونيورسٽيءَ جي دراوڙي ٻولين واري اداري ته گهڻو ئي ڪم ڪيو آهي. سنڌ ۾ به هن قسم وارين لغتن تي تحقيق ٿي سگهي ٿي: مثلاً:

خواجن، جتن، ريباڙين، اوڏن، ڪولهين، ڀيلن، مينگهواڙن، باگڙين، سوڍن، سمن، سومرن، شڪارين، مهاڻن ۽ شيدين وغيره جي ماحول ۾ رائج لفظن جون لغتون ناهي سگهجن ٿيون.

(ت) ڌنڌي وار لفظن جون لغتون ـ ڊاڪٽر گدواڻيءَ هن قسم جي لغات طرف به اشارو ڪيو آهي. "جامع سنڌي لغات" ۾ پڻ ڌار ڌار ڪرت ڪندڙن جي ڪرت لاءِ رائج لفظ شامل ڪيا ويا آهن پر هن (جامع سنڌي لغات) لغات کي خاص ڌنڌي وار لفظن جي لغات ڪِينهِ چئبو. سنڌي زبان ۾ هن قسم جي لغات مرحوم ڊاڪٽر محمد صالح شاهه تيار ڪئي هئي. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڌار ڌار ڌنڌن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي ذخيري تي مشتمل لغات، ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ اهم هوندي آهي. ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ جو خيال آهي ته:

> "ڌنڌي وارين اُپڀاشائن جو شبد ـ ڀنڊار ڪٺو ڪرڻ، انهن لفظن جو اشتقاقي اڀياس ڪرڻ ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪن لفظن جي جاڻ پوي"(۱).

ڊاڪٽر گدواڻيءَ ڌنڌي وار ماڻهن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، اُها آهي: ڪنير ۽ مهاڻا وغيره. پر هيءَ فهرست وڏي آهي: مثلاً:

هاري ناري، اوناري ڏٺولي، پاڳيا، جهانگي، سانگي، واڍا، لوهار ڪنيار سونارا، ساٽي، سوٽهڙ ناٽارا، رنگريز سيلاوٽا، پيچارا، بورچي، ملاح، ڪوري، ڪوڪڙي، ڪاريا، اوڏ، ڪاتيا، رازا، ڪاشيگر طبيب، وگهامل، تيلي، سراڻ موچي، ۽ سوچي وغيره.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب، "ٻيلاين جا ٻول" ۾ فرمائي ٿو:

> "ٻوليءَ جي اصلي لفظن جو ذخيرو به نج ٻهراڙين ۾، جن کي شهري هوا اجا گندو نه ڪيو آهي، محفوظ ۽ سلامت آهي ۽

(۱) پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت"، گانڌي نگر گجرات اڪادمي، ۱۹۸۹ع.

وڏڙن جي صدري دفتر ۾ سمايل آهي ۽ پشت بپشت موروثي طور هلندو اچي. هر ڪنهن فن ۽ ڌنڌي جي اطوارن، اوزارن، محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا اصلي سنڌي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مروج آهن. لوهارن، واڍن، ڪورين، ڪنيارن ۽ ملاحن وٽ انهن فني نالن جون فهرستون موجود آهن"(١).

(ث) ڌاتو ڪوش (Etymological dictionary)- هن قسم وارين لغتن ۾ لفظن جا ڌاتو، بنياد، ماده ۽ اشتقاق ڏنا ويندا آهن. هن قسم واريون لغتون، ٻولين جي تاريخي ابتدا ۽ ارتقا جي اڀياس ۾ مدد ڪن ٿيون. سنڌيءَ ۾ هن ڪيتر ۾ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي. هينيان ڪوش خاص طور فخر ڪرڻ جي لائق آهن:

(i) جامع سنڌي لغات
(ii) وئتپتي ڪوش
(iii) تحقيق لغات سنڌي
(iv) Philological curiosities

انهن کان علاوه شاعرن جي ڪلامن جا ڪوش بہ لکيل آهن جن جا نالا الڳ ڏنا ويا آهن.

(ج) جامع لغات:- هن قسم واريون اُهي لغتون هر لحاظ کان جامع لغتون هونديون آهن جن ۾ لهجي وار لفظن جا مجموعا، جاتيوار اُپاشائن جا شبد، پيدارن ڌنڌي وار لفظن جون لڙهيون، لفظن جا ڌاتو، اُچار ماده ۽ اشتقاق ڏنل هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ "جامع سنڌي لغات" هن قسم واري لغات لاءِ هڪ بهترين نمونو آهي.

پنهنجي لغات يعني "جامع سنڌي لغات" جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب فرمائي ٿو:

"هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيہ ڀاڱن ۾ مکاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا. انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي تَر جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين (مثلاً ڪاسبين، ڪنيارن، لوهارن، ڪورين، واڍن، وڳهاملن وغيره جا الفاظ ۽

(١) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر"ٻيلاين جا ٻول"، ٻيو ڇاپو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ١٩٧٠ع، ص ٥

Gul Hayat Institute

اصطلاح: جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا: مقامي ريتين رسمن، جهڙوڪ شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح: گهرو الفاظ، جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح، پرت جا نالا وغيره: اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ ملاحن جا الفاظ ۽ اصطلاح: پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنيارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح. ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب، کجي وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ).

هن سلسلي ۾ هي احتياط پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ، سري، ٿر ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن"(١).

(ح) ثقافتي قسم جي لغات ـ هن قسم واريءَ لغات ۾ ثقافت سان واسطو رکندڙ موضوعن وارا لفظ گڏ ڪيا ويندا آهن. ڌار ڌار جاتين جي ثقافت وغيره جي جهلڪ هن قسم واري لغات ۾ نظر ايندي آهي. جامع سنڌي لغات لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪي ڳالهيون بيان ڪيون آهن اُهي هن قسم واري لغات سان ٺهڪي اچن ٿيون: مثلاً: ڪاسبين، ڪنيارن، لوهارن، ڪورين، واڍن ۽ وگهاملن جا الفاظ ۽ اصطلاح: جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا: مقامي ريتين رسمن جهڙوڪ: شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح: گهرو الفاظ، جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح ۽ پرت جا نالا وغيره: اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح: پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنيارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح: ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب کجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ. ان لحاظ کان جامع سنڌي لغات کي ثقافتي مقصد يا موضوع واري لغات سڏي سگهجي ٿو. ثقافتي لغات مان انهن قومن ۽ قبيلن، ماڻهن ۽ ملڪن جي ثقافت جي مطالعي ۾ مدد ملندي آهي.

(خ) دو ـ لساني لغات ـ هن قسم واري لغات هر ٻوليءَ ۾ ملي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين هن قسم جون هيٺيون لغتون شايع ٿيون آهن.:

(١) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: "جامع سنڌي لغات"، ڇاپو پهريون سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٠ع، مهاڳ

Gul Hayat Institute

(i) انگريزي ـ سنڌي لغت
(ii) سنڌي ـ انگريزي لغت
(iii) عربي ـ سنڌي لغت
(iv) اردو ـ سنڌي لغت
(v) سنڌي ـ اردو لغت

(د) گهڻ ـ لساني لغات ـ هن قسم واريون لغتون ڪيترن ئي ملڪن ۾ تيار ڪيون ويون اهن. پاڪستان ۾ هن سلسلي جو ڪم پشتو اڪيڊمي ۽ اردو مرڪزي بورڊ ڇپايو هو. پشتو اڪيڊمي پنج ـ لساني لغت، ۽ مرڪزي اردو بورڊ "هفت ـ لساني لغت" تيار ڪرائي ڇپائي. انهن لغتن ۾ اردو ٻوليءَ جي لفظ کي مرڪزي لفظ مقرر ڪري، اُن جي سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، بروهي ۽ انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏني ويئي آهي.

اردو سرائڪي ۽ ٻين ٻولين جي تاريخن ۾ به هن قسم جي عام لفظن جو اپياس پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً عين الحق فريد ڪوٽيءَ جو ڪتاب "اردو زبان ڪي قديم تاريخ" ۽ ظامي صاحب جا سرائڪي ٻوليءَ تي لکيل ڪتاب وغيره.

(ر) ڪنهن هڪ شاعر جي ڪلام مان چونڊيل لفظن جي لغات ـ هن قسم جو ڪم دنيا جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن جي سلسلي ۾ ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان ۾ پڻ شاهه، سچل، سامي، شاهه ڪريم ۽ گرهوڙيءَ تي سنو ڪم ٿيل آهي؛ مثال طور هيٺيان عنوان هن موضوع جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا:

(i) لغات لطيفي
(ii) لغات قديمي
(iii) ٻاروچي ٻولي
(iv) غريب اللغات
(v) ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارو شاهه جو رسالو
(vi) شاهواڻيءَ وارو شاهه جو رسالو
(vii) ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو شاهه جو رسالو
(viii) ڪريم جو ڪلام
(ix) سامي ڏاتو ڪوش
(x) سچل جي لغت
(xi) ڊاڪٽر سنديلي صاحب طرفان سچل جا ڌاتو
(xii) شيخ اياز جي ڪلام ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ
(xiii) ڇپر ۾ ڇڙيون ڪتاب ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ

Gul Hayat Institute

(ز) ڪنھن ٻہ ٻوليءَ جي علم ادب جي لغات ـ ھن قسم جون لغتون ڏار ڏار ملڪن جي ٻولين جي ادب تي ملن ٿيون. ھن قسم جي لغات ۾ معياري ادب, لوڪ ادب ۽ بين علمي ۽ ادبي صنفن ۾ ڪم ايندڙ فني ۽ اصطلاحي لفظن جي سمجھاڻي ڏني ويندي آھي. ھن قسم واري لغات ۾ ھيٺيان عنوان/ڪتاب شامل ڪري سگھجن ٿا:

(i) سنڌ جو سينگار

(ii) ھنر

(iii) ڏھسنامون

(iv) سرھاڻ

(v) سڳند

(vi) لغت ڳنان

(س) اينسائڪلوپيڊيا ـ ھن قسم واري لغات جو بنياد برٽنيڪا وڌو. ”نئين سوچ رسالي“ ۾ ھن قسم واري لغات جي وصف ھن ريت ڏني وئي آھي:

”انسائيڪلوپيڊيا يوناني ٻوليءَ جو لفظ آھي جنھن جي لغوي معنيٰ آھي: انسائيڪلو = پوري, پيڊيا = تعليم. اصطلاحي معنيٰ علم ۽ فن جي دائري ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ. اسان انسائيڪلوپيڊيا کي حوالن واري تصنيف بہ چئي سگھون ٿا. ائين ڪٿي چئجي تہ اھڙو ڪتاب جنھن ۾ دنيا جي سمورين شين جي پوري ڄاڻ ڏني وڃي. تھذيب و تمدن جي ابتدا کان وٺي اڄ تائين انسان پنھنجي ذات ۽ ڪائنات جي باري ۾ جيڪي ڪجھ ڄاتو يا حاصل ڪيو آھي اھو سڀ ڪجھ انسائيڪلوپيڊيا ۾ گڏ ڪيو ويندو آھي.

انسائيڪلوپيڊيا ۽ لغت (ڊڪشنريءَ) ۾ فرق آھي. لغت (ڊڪشنريءَ) ۾ لفظ جي هِجي, تلفظ ۽ معنيٰ درج ھوندي آھي, پر انسائيڪلوپيڊيا ۾ انھيءَ اصل ڳالھ ڏانھن خاص ڌيان ڏنو ويندو آھي. جنھن لاءِ اھو لفظ واضح ٿيل ھوندو آھي“(١).

(١) خالد سيف الله پٺي: مقالو ”انسائيڪلوپيڊيا“, ھفتيوار نئين سوچ رسالو, جلد ٢, شمارو ١٩ ـ ٢٠, ڪراچي, ١٥ آڪٽوبر ١٩٩٠ع, ص ٢٦

Gul Hayat Institute

(ش) خاص موضوعن ۽ مضمونن تي مشتمل لغتون ـ هن قسم جون لغتون دنيا جي هر ملڪ جي ٻوليءَ ۾ لکيون ويئيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڪن موضوعن تي هن سلسلي ۾ ڪم ٿيو آهي. خاص خاص موضوع هي آهن:

علم ڪيميا، فزڪس، علم ارضيات، علم رياضي، اقتصاديات، معاشرتي علوم، سوشيالاجي، جاگرافي، لسانيات، صوتيات، صوتي اُچارن واري لغت، علم آثار شناسي، ٽيڪنيڪل ٽرمز واري لغت، بايولاجي، علم انسان شناسي، علم اللنسان، علم طب، علم دواسازي، علم زهريات، زراعت، علم ادب، فنونِ لطيفه، علم نجوم، علم فلڪيات، علم موسيقي، علم التعليم ۽ علم التاريخ وغيره.

(ص) انڊيڪس يا ڏسٽي ـ هن قسم جون ڏسٽيون دنيا جي سڀني ٻولين ۾ لکيون ويئيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي ڏسٽين ۾ ماڻهن، مڪانن، ماڳن، دريائن، شهرن، ڳوٺن وغيره کان سواءِ ڪتابن جا نالا پڻ شامل ڪيا ويندا آهن. هت منهنجي مراد اها ڏسٽي آهي جنهن جي مدد سان هڪ شاعر جي ڪلام جي مصرعن ۽ انهن ۾ ڪم آندل لفظن جي ڏسٽي ڏنل هجي.

هن موضوع تي شاهه لطيف جي ڪلام تي ڪم ٿي رهيو آهي. ان کان سواءِ con-cordance به هن موضوع ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

(ض) گلاسري يا فرهنگ ـ هي به هڪ بين الاقوامي موضوع آهي. ڪن ڪن ڪتابن ۾ اهڙا فني اصلاحات ڏنا ويندا آهن جن جي سمجهاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. اهڙا فني لفظ ۽ اصلاحات، گلاسريءَ جي عنوان هيٺ گڏ ڪيا ويندا آهن ۽ انهن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي.

(ط) دفتري ٻوليءَ تي مشتمل لغتون ـ سرڪاري طور آفيسن، ڪورٽن ۽ حڪومت جي ڪم ڪار لاءِ جيڪا ٻولي منظور ڪئي ويندي آهي اُن کي دفتري ٻولي چئبو آهي. سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ سنڌ صوبي ۾ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي به سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ طور قبول ڪيو ويو. پاڪستان ۾، سنڌ اسيمبلي ۾ ١٩٧٢ع ۾ "سنڌي لئنگوئيج ائڪٽ" پاس ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي اهو درجو عطا ڪيو حالانڪ سنڌي سرڪاري زبان طور انگريزن جي زماني کان به اڳ رائج هئي. تازو نومبر ١٩٩٠ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ وارو بل ترميم سان منظور ڪيو آهي. انگريزن جي دور ۾ دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار لاءِ هر قسم جو مواد سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپايو ويو هو، پر جيئن ته اُن ساري مواد جي هن مقدمي ۾ فهرست ڏيڻ، موضوع کان ٻاهر ٿيندو، تنهن ڪري هت صرف دفتري ڪم ڪار لاءِ تيار ڪيل لغوي مواد جي نشاندهي ڪبي. انگريزي دور ۾ ۽ پوءِ پاڪستاني دور ۾ هيٺيون مواد شايع ٿيو:

Gul Hayat Institute

(i) سنڌ گزيٽيئرس ۾ دفتري ڪاروبار لاءِ انگريزي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ترجمون ۽ انهن جي فهرست.
(ii) انگريزي ـ سنڌي لغت

(ظ) ڪرانالاجيڪل لغات ـ هن قسم جي لغات جو ٻوليءَ جي رائج لفظن سان ڪو واسطو ڪونهي. هن قسم جي لغات ۾ ملڪ جي تاريخ، ثقافت ۽ تاريخي مواد، تاريخ ـ وار ۽ سال ـ وار درج ڪيو ويندو آهي.
(ع) پنهنجي ماحول ۾ رائج روزمره وارن لفظن جي لغات ـ ڪي ليکڪ، اديب، عالم ۽ شاعر پنهنجي چوڌاري واري ماحول ۾ رائج لفظن تي مشتمل لغوي مواد جو شبد-ڀنڊار گڏ ڪري، انهن کي لغات جي صورت ۾ شڪل ڏيندا آهن. هن جو هڪ مثال "لغات سنڌي مخفّفات" ۾ ملي ٿو. محترم مرتب هن لغات ۾ اُهي لفظ به شامل ڪيا آهن جيڪي فقط سندس ماحول ۾ يعني دادو ضلعي ۾ (اُهو به فقط دادوءَ جي آسپاس) رائج آهن. مثال طور هيٺ ڪي لفظ ڏجن ٿا جن جي جائزي مان ثابت ٿو ٿئي ته هن لغات ۾ انهن لفظن جي شامل ڪرڻ سان، هن لغات جي حيثيت، هڪ لهجي تائين محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهي لفظ هن لغات جي اهميت کي گهٽائين ٿا ڇو ته اهي لفظ سڄيءَ سنڌ جي لغوي خزاني جي نمائندگي نٿا ڪن. مثال طور:

| اصلوڪو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|
| تاتي | تتي |
| تاتهين | تت |
| تِتاهون | تتئون |
| تڏهن | تڏ |
| تيڏانهن | تاڏي |

هن فهرست ۾ "تاتي"، تاتهين"، "تِتاهون"، "تاڏي"، "تتئون" لفظ فقط هڪ محدود خصي ۾ رائج آهن (۱) "تڏ"، "ڪڏ" ۽ "جڏ" روپن لاءِ طالب المولىٰ سائين پنهنجي ديوان ۾ واضع طور فرمائين ٿا:

"ڪڏهين ۽ جڏهين جو مخفف (گهٽايل) ڪڏهن ۽ جڏهن آهي. ڪي ته "ڪڏ" ۽ "جڏ" به لکندا آهن، جي غلط سمجهان ٿو" (۲).

(۱) ڀيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۶ع، ص
(۲) طالب المولىٰ: "ديوان طالب المولىٰ"، هالا، ۱۹۸۲ع، ص ص ۱۶ ۽ ۱۷

<u>٣ـ لغت نويسي (سنڌي لغات نويسي)</u>ـ لغت نويسيءَ لاءِ بہ ڪي اصول ۽ قانون مقرر ٿيل آهن، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”جامع سنڌي لغات“ مرتب ڪرڻ جي سلسلي ۾ جن جن ڳالهين ۽ اصولن کي سامهون رکي، هيءَ لغات تيار ڪئي هئي، انهن تي اڳتي هلي لکيو ويو آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جا بيان ڪيل اصول ٻڌايا ويا آهن.

عام طور لغت نويسيءَ لاءِ جيڪي اصول، قاعدا ۽ قانون، طور طريقا ۽ عملي قدم کنيا ويندا آهن، اُهي لڳ ڀڳ اُهي ئي آهن جيڪي هر ٻوليءَ جي لغات تيار ڪرڻ يا لغت نويسيءَ لاءِ لفظن جو سرمايو گڏ ڪرڻ يعني شبدـڀنڊار کنو ڪرڻ، گڏ ڪيل لفظن جا ڌاتو، ماده، اشتقاق ڪيڻ، ٻوليءَ جي لهجن، محاورن ۽ روزمره وارن اُچارن (Dialectology) ۽ ٻوليءَ جي لساني اڀياس ۽ ويا ڪرڻي جائزي لاءِ اختيار ڪيا ويندا آهن. انهن اصولن جي اڀياس لاءِ سرگريئرسن، بدولف (Bidduiph) ، مسٽر لاريمر، پروفيسر اسڪالموسڪي، ڊاڪٽررُٽ، مارٽي فچ ۽ گريگري ڪوپر، ڊاڪٽر لورسئنڊر، پروفيسر ايم ـ اي يانگ، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا ڪتاب ۽ جائزا رهنمائي ڪن ٿا. لغت نويسيءَ لاءِ ماهرن جيڪي اصول، قاعدا ۽ قانون مقرر ڪيا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

(i) ٻوليءَ جي دائري اندر مختلف خطن ۾ مروج لفظن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جون الف ـ ب وار چٽڪيون ۽ فهرستون ٺاهڻ.

(ii) هر هڪ لفظ جي اُچارن، هجي (Spelling) ، جزن ۽ پدن (Syllabication) ۾ ورهائڻ، ۽ ان موجب اُچار مقرر ڪرڻ.

(iii) هر هڪ لفظ جا ماده، ڌاتو ۽ اشتقاق ڪيڻ ۽ ان لفظ جي تاريخي ارتقا بيان ڪرڻ.

(iv) هر هڪ لفظ جي معنيٰ، ان جو مفهوم، سمجهاڻي ڏيڻ ۽ فقري، جملي ۽ شعر جي مصرع، چوڻي ۽ پهاڪي ۾ ان جو استعمال ڏيکارڻ تہ جيئن الڳ الڳ حالتن (Context of Situation) ۾ لفظ جي ڌار ڌار معني نمايان معلوم ٿئي.

(v) هر هڪ لفظ جي ويا ڪرڻي حيثيت يعني ڳالهائڻ جي انن صورتن (parts of speech) مان ڪنهن بہ هڪ حيثيت جي نشاندهي ڪرڻ.

(vi) هر هڪ لفظ اُچار لاءِ ڪنهن خاص علامت (Symbol) ذريعي اُچار جي نشاندهي ڪرڻ.

(vii) هر هڪ لفظ جي حيثيت ۽ معيار، نثري جملن، چوڻين، پهاڪن ۽ شعري مصرعن ذريعي بيان ڪرڻ تہ جيئن خبر پوي تہ اهو لفظ روزمره واري ٻوليءَ موجب عام محاوري (Colloquial) ۾ ۽ عام گفتگو ۾ عام طور مروج آهي يا بازاري ٻولي (Slang) ۾ رائج آهي.

Gul Hayat Institute

(viii) اهڙيءَ طرح هر هڪ لفظ جي معنيٰ کان سواءِ هر معنيٰ لفظ ۾ انهن جا فقرن، جملن، چوڻين، پهاڪن ۾ بيتن وغيره ۾ رائج استعمال جا مثال ڏيڻ.

لغت نويسيءَ لاءِ ڌار ڌار لغت نويس، ڌار ڌار قدم کڻندا آهن. ڪي لغت نويس جدا جدا خطن ۾ پنهنجا "خابرو" (Informants) مقرر ڪندا آهن. اُهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي تر مان ڌار ڌار موضوعن وارا لفظ گڏ ڪري، لغت نويس يا مرڪزي آفيس ڏانهن موڪليندا آهن. ڪي لغت نويس پنهنجن ساٿين، مددگارن جي مدد سان ڪتابن، رسالن، اخبارن، مضمونن ۽ مقالن وغيره مان اساسو گڏ ڪندا آهن. ڪي ماهر ٻئي طريقا اختيار ڪندا آهن. هن ڏس ۾ "جامع سنڌي لغات" لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جيڪو طريقو اختيار ڪيو تنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب خود فرمائي ٿو ته:

"هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لکيل اندازاً ٤٥٠ ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ اُنهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا.

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو هو.

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو – خاص طرح شاهه عنات رضوي، خليفي نبي بخش، فقير محمد صديق ۽ مولوي غلام محمد خان زئي جا رسالا جن مان انوکا الفاظ چونڊي هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي جواهراللغات ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي سنڌي لغات (مسودو) انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا آهن. بمبئيءَ مان مسٽر تاراچند گاجرا ۽ لالا هاسانند جي لکيل لغات جا الفاظ اُتاري موڪليا، جن کي چند چاڻ بعد داخل ڪيو ويو.

مٿئين ماخذن کان سواءِ، اسان عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي سرچشمي کي وڏي اهميت ڏني آهي. اج ڏينهن تائين جيڪي به لغاتون يا ڪتاب لکيا ويا آهن تن جي اڪثر مصنفن ۽ مؤلفن جو واسطو شهرن سان رهيو آهي جي ٻهراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان ڪماحقه واقف نه هئا:

Gul Hayat Institute

انهيءَ ڪري سنڌن تصنيفن ۾ ٻهراڙيءَ جي عام رائج ٻوليءَ جا ڪيترائي نج سنڌي محاورا، الفاظ ۽ اصطلاح موجود نه آهن.

هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه پاڳن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي تر جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين (مثلاً: ڪاسبين، ڪنيارن، لوهارن، ڪورين، واڍن، وڳهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ جنسن جا نالا جهڙوڪ: ڳاهن، جيتن، ڳلن، پکين وغيره جا نالا؛ مقامي ريتين رسمن جهڙوڪ: شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح؛ ڳهرو الفاظ، جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح ۽ پرت جا نالا وغيره؛ اُٺن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ ميوي جي فصلن جهڙوڪ انب، ڪجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ).
هن سلسلي ۾ هيءُ احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٿر ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي: انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن جن کي سنڌي ٻوليءَ آدي مکي، پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي؛ ۽ ٻيا ڪي عربي، فارسي لفظ ۽ محاورا پوين ڏيڍ سو ورهين ۾ سنڌي شاعرن ۽ ادبين جي زبان ذريعي سنڌي ادب جو جز بنجي ڪتابن ذريعي، شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي پڻ داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي."
ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

Gul Hayat Institute

هن لغات جي تياري ۽ تڪميل لاءِ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، جن هدايتن موجب سنڌ جي سيني ڀاڱن جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب ڇنڊي ڇاڻي صاف ڪيو، ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊي قلم بند ڪيا"(١).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، گڏ ڪيل لفظن جي اُچارن، مادن، جُزن، ذاتن، اشتقاقن ۽ انهن لفظن جي خطي وار استعمال، ڪارج، مفهوم ۽ عمل وغيره جي سلسلي ۾ جيڪي اصول مقرر ڪيا، تن جو پاڻ هن تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿن. جيڪي جامع سنڌي لغات ۾ پڙهي سگهجن ٿا(٢).

(الف) سنڌي لغات نويسيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا:

سنڌي لغات نويسيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ سنڌي لغات جو سلسلو هڪ سو سال اڳ ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصانه ڪوششن جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لفظن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مکيه لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي. ان ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي"(٣).

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"هن لغات ۾ هي خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾

(١) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر "جامع سنڌي لغات"، ١٩٦٠ع، مهاڳ
(٢) ايضاً
(٣) ايضاً

Gul Hayat Institute

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ ججهي ذخيري کي شامل
ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ
کي، شاهدين ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي"(١).

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب، پنهنجي ڪتاب، تحقيق لغات سنڌيءَ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ سنڌي لفظن جو صحيح سلسلو انگريزن جي دور
کان شروع ٿئي ٿو تاهم انهن سيني لفظن ۾ بنياد يا ڌاتوءَ جي
ڪمي نظر اچي ٿي. ڪئپٽن اسٽئڪ پهريون انگريز هو جنهن
١٨٣٨ع ۾ انگريزي - سنڌي لغت جي پيڙهه جو پٿر رکيو. هن
صاحب ١٨٥٥ع ۾ سنڌي - انگريزي لغت پڻ ناهي جا عربي-
سنڌي آئويتا بدران ديوناگري لپيءَ ۾ آهي"(٢).

سنڌ جي انهن ٻنهي عالمن، يعني ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب، سنڌي ٻوليءَ جي جن جن لغتن جا نالا ۽ تفصيل ڏنا آهن انهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | مصنف جو نالو | لغات جو عنوان | سال |
|---|---|---|---|
| (١) | جارج اسٽئڪ | انگريزي - سنڌي ڊڪشنري | ١٨٣٨ع |
| (٢) | ايضاً | سنڌي - انگريزي ڊڪشنري | ١٨٥٥ع |
| (٣) | پادري شرٽ | اکر ڌاتو | ١٨٦٦ع |
| (٤) | آخوند عبدالرحيم وفا | جواهرالغات | ١٨٦٦ع |
| (٥) | آخوند فتح محمد هالائي | ڪاشف الفيوض | ١٨٦٦ع |
| (٦) | پادري شرٽ | سنڌي - انگريزي ڊڪشنري | ١٨٧٩ع |
| (٧) | جهمٽ مل وسنائي | وئتپتي ڪوش | ١٨٨٠ع |
| (٨) | مرزا صادق علي بيگ ۽ منشي اُڌارام ٿانورداس مير چنداڻي | سنڌي - انگريزي لغت | ١٨٨٠ع |
| (٩) | ڪاڪو پيرومل | غريب اللغات | ١٩٠٦ع |
| (١٠) | پرمانند ميوارام | سنڌي - انگريزي ڊڪشنري | ١٩١٠ع |
| (١١) | مرزا قليچ بيگ | Philological Curiosities | ١٩١١ع |
| (١٢) | ايضاً | لغات لطيفي | ١٩١٣ع |

(١) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: تحقيق لغات سنڌي، مهاڳ
(٢) ايضا

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| (١٣) علامہ علي محمد مهيري | سنڌي لغات (قلمي نسخو) | ١٩٢٠ع |
| (١٤) مرزا قليچ بيگ | لغات قديمي | ١٩٢٣ع |
| (١٥) ڊاڪٽر گربخشاڻي | شاهہ جي رسالي ۾ لفظن جي معنيٰ ۽ ڌاتو وغيره | ١٩٣٣ع |
| (١٦) لالاهاسانند | سنڌي ڊڪشنري | ١٩٣٧ع |
| (١٧) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | جامع سنڌي لغات | ١٩٦٠ع |
| (١٨) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | تحقيق لغات سنڌي | |
| (١٩) سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ غلام اصغر ونڊير | انگريزي سنڌي ڊڪشنري | |
| (٢٠) غلام محمد شهواڻي | شاهہ جي رسالي ۾ لفظن جي معنيٰ | |
| (٢١) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | لاڙ جي لغت | |
| (٢٢) سيد حسام الدين شاهہ راشدي ۽ ٻيا | بنيادي سنڌي لغات | |
| (٢٣) مظهر خوجا | لغت ڳنان | |
| (٢٤) سيد محمد صالح شاهہ | ڏنڌي ـ وار لغت | |
| (٢٥) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان | اردو ـ سنڌي لغت | |
| (٢٦) ايضاً | سنڌي ـ اردو لغت | |
| (٢٧) پروفيسر غلام حسين جلباڻي | عربي ـ سنڌي لغات | |
| (٢٨) سيدنجف علي شاهہ نقوي "ڪمتر" | ٻاروچي ٻولي | |
| (٢٩) ڪلياڻ آڏواڻي | شاهہ جي رسالي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ | |
| (٣٠) ڊاڪٽر دائود پوٽو | شاهہ ڪريم جي رسالي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ | |
| (٣١) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | سامي ڌاتو ڪوش | |
| (٣٢) محمد علي هداد | سچل جي لغت | |
| (٣٣) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | سچل جي ڪلام ۾ لفظن جا ڌاتو | |
| (٣٤) محمد ابراهيم جويو | شيخ اياز جي ڪلام جي ڏکين لفظن جون معنائون | |

Gul Hayat Institute

## ۴ ـ لغات سنڌي مخففات:

(الف) علم اللسان جي لحاظ کان اهميت:

هيءَ پنهنجي نوع ۽ قسم واري پهرين ۽ اهم لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا مخفف روپ گڏ ڪري، اُنهن جي صوتي، صرفي، نحوي ۽ لغوي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ويئي آهي ۽ اُنهن جي ڪارج ڪان سواءِ اُنهن جي مفصل سمجهاڻي پڻ ڏني ويئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي هيءَ پهرين واڪاڻ جوڳي ڪوشش آهي.

"مخفف" لفظ لاءِ انگريزيءَ ۾ abbreviation لفظ ڪم آندو ويندو آهي، پر مقصد ۽ ڪارج جي لحاظ کان، هن لغات جي حوالي سان مخفف جي معنيٰ ۽ مفهوم تيندو: ڪنهن لفظ کي سسائڻ، گهٽائڻ، يا ننڍو ڪرڻ، يعني ڪنهن لفظ مان ڪو آواز ڪا صوتيه، ڪا صرفيه، ڪووينجن يا ڪو سُر حذف ڪرڻ، گهٽائڻ، ڪيرائڻ يا سسائڻ، جيئن اردوءَ ۾ "بدتر" لفظ جو مخفف يا سسيل اُچار يا روپ "بَتّر" ڪيو ويندو آهي.

مطالعي دوران اهو معلوم ٿيو آهي ته لفظن جا مخفف روپ ڪنهن ڏُڪيبازيءَ سان يا بيقاعدي نموني نٿا حاصل ڪجن پر اُن لاءِ به ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪي اصول يا قانون نهي ويندا آهن. مثال طور هينيان اصول عام طور لفظن جي مخففات لاءِ ڪارفرما هوندا آهن؛ مثلاً:

(i) سَنڌي (ادغام) وارا اصول ۽ قانون

(ii) شاعري يا نثر وارين صنفن ۾ ٻوليءَ جي استعمال ۾ لفظن جو مخفف روپ وٺڻ

(iii) روزمره واري ٻولي ۽ عام گفتگو واري ٻوليءَ ۾ لفظن جو سسڻ وغيره

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي مخفف صورتن جي اپياس لاءِ حاصل ڪيل اصولن ۽ قانونن جي مفصل تجزئي کان اڳ، اهو مناسب ٿيندو ته "لغات سنڌي مخفّفات" جي مصنف جي هن اهم ڪم ۽ ڪارنامي، ۽ هن لغات جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪجي. منهنجي خيال ۾ هن لغات جي مصنف جو هي ڪارنامو هڪ "جدت" مڃڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هن لغات واري تحقيقي ۽ تخليقي ڪم جو خيال، هن کان اڳ ڪنهن به عالم جي ذهن ۾ اُيري ئي نه سگهيو؛ اجا به وڌيڪ وضاحت سان هيئن چئبو ته هن لغات جي تخليق ڪرڻ جو خيال ڪنهن به ماهر جي ذهن ۾ هن کان اڳ سِرجيوئي ڪونه هو. هن لغات جي تيار ٿيڻ کان اڳ، البت مختلف لغتن ۾ لفظن جا ذاتو، ماده ۽ اشتقاق ضرور ڏنا ويا آهن پر لفظن جا سسيل يا مخفف روپ، انهن جو لساني ڪارج ۽ وياڪرڻي حيثيت جي سلسلي ۾ ڪا به راءِ ڏنل ڪانهي. ان لحاظ کان هن دعوا ڪرڻ ۾ اهو ڪو وڌاءُ ڪونهي ته سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي مخفف يا سسيل روپن جي اپياس جي سلسلي ۾ هيءَ پهرين اهم لغات آهي جا جدت واري عمل ۽ تحقيق

واريءَ خوبيءَ سان مالا مال آهي، جنهن لاءِ طالب المولىٰ سائين ۽ محترم احمد خان آصف مصراڻي مبارڪن جا مستحق آهن.

ديوان جهمٹ مل وسناڻيءَ پنهنجي ڪتاب "وئتپتي ڪوش" ۾ لفظن جا ڌاتو ڪيندي، مخفف روپ تہ ڏنا آهن پر هن بہ مخفف روپ نالي ڪنهن بہ صورت جو ذڪر نہ ڪيو آهي. وئتپتي ڪوش تي تنقيد ڪندي ڊاڪٽر سنديلو صاحب لکي ٿو:

"گرچہ ڪتاب تي ڪافي متا ڪٹ ڪيل آهي مگر اونهي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪن ڪن هنڌ، مصنف صاحب هٿي ويو آهي: مثلاً لکي ٿو: مُترڪو، سنسڪرت "مُدگر" مان نڪتل آهي. "پيچرو" سنسڪرت "پاد" مان نڪتل آهي. خير ائين بہ هجي. ليڪن مخفي نہ رهي تہ "مُترڪو" عربي لفظ "مطرقه" ۽ "پيچرو" لفظ فارسي "پايہ چاره" مان نڪتل آهي"(١).

بهرحال "پيچرو لفظ لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهو لفظ فارسيءَ جي "پايہ چاره" جو مخفف روپ آهي پر اهڙو ذڪر نہ ڊاڪٽر سنديلي صاحب ڪيو ۽ نہ وري ڪو اهو نقطو ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي ذهن ۾ ئي هو. مخفف روپن يا مخفف جي ان حيثيت لاءِ سنڌي زبان ۾ پهريون دفعو لکڻ جو سهرو عزت مآب مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ جي سر تي ٿو سونهي ۽ هن لغات جي تصنيف ڪرڻ جي سعادت کين ئي نصيب ٿي.

ڊاڪٽر سنديلي صاحب کي "تحقيق لغات سنڌي"ءَ جي اشاعت تي مبارڪن جو خط (مورخہ ١٨-١١-١٩٥٨ع) لکندي، جناب طالب المولىٰ صاحب جن فرمائين ٿا:

"اوهان جي تصنيف "تحقيق لغات سنڌي" زير مطالع آهي. رايو بعد ۾ موڪليندس پر ايترو ضرور چوندس تہ اوهان سنڌي زبان کي سونو نڪ وڌو آهي. هن قسم جي لغت جي سخت ضرورت هئي"(٢).

جيڪڏهن سنديلي صاحب واري تحقيق (تحقيق لغات سنڌي)، سنڌي زبان کي سونو نڪ وڌو آهي تہ "لغات سنڌي مخفّفات"، سنڌي زبان کي سونو تاج پهرايو آهي. هن لغات جي بہ ايتري ئي ضرورت هئي جيتري ٻين لغتن جي، ڇاڪاڻ تہ هن لغات جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي فقرن،

(١) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: "تحقيق لغات سنڌي"، حوالو ڏنو ويو آهي.
(٢) ايضاً

جملن ۽ شاعريءَ وارين مصرعن ۾ سسيل روپن ۽ مخفّفات
جي، صرفي، نحوي ۽ لساني ڪارج ۽ حيثيت جي باري ۾
مفيد معلومات ملي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي لغات واري ڪيتر ۾ هيءَ پهرئين قسم جي لغات آهي، جنهن ۾ چونڊيل لفظن جو اصلي اُچار ۽ اُنهن جا مخفف يعني سسيل روپ ڏيئي، انهن جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، ۽ روزمره واريءَ توڙي عام گفتگو واريءَ ٻوليءَ ۾ اُنهن سسيل روپن جي استعمال ۽ ڪارج جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن. هي هڪ اهڙو اهم ۽ مفيد ڪم آهي جو گهڻو اڳ ٿيڻ کپندو هو. منهنجي هن دعوا ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ هيءُ پنهنجي نوعيت جو ٻهريون ۽ هڪ اهم تحقيقي ڪم آهي جو گهڻي ۾ گهڻو داد لهڻي.

(ب) ترتيب:ـ هن لغات ۾ ٢١٠٠ لفظ ڏنا ويا آهن. جن جي ترتيب "ديوان طالب المولي" ۾ صفحي ٩ تي ڏنل الف ـ ب واري پٽيءَ موجب رکي ويئي آهي. الف ـ ب جي هيءَ پٽي، سنڌ علائقي جي سرڪاري تعليم کاتي طرفان ١٩٣٠ع ۾ ڇاپيل ٻاراڻي ڪتاب ۾ ڏنل الف ـ ب جي پٽيءَ موجب آهي. مواد جي ترتيب جي سلسلي ۾ هن لغات جو مرتب آصف مصراڻي صاحب لکي ٿو:

"هن لغات ۾ گڏ ڪيل مواد کي اساسي سرمايو سمجهي،
اُنهن لفظن کي مُنڍ ۾ ساڄي طرف اهم لفظ طور برقرار رکيو
ويو آهي تہ جيئن بقول سندس: "سندن انفرادي ڪارنامو
نمايان رهي."

محترم مصراڻي صاحب سموري مواد کي الف ـ ب وار ترتيب ڏيڻ لاءِ، سندس چوڻ موجب "الف ـ ب جو سلسلو ٻاراڻي ڪتاب ١٩٣٠ع واري ڇاپي، جنهن جو عڪس ديوان طالب المولي جي صفي ٩ تي ڏنل آهي، اُن موجب رکيو آهي."

ساري مواد کي چئن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين باب ۾، بقول مرتب جي، اسم، ضمير، صفت، ظرف ۽ فعل وغيره لفظن جا مخفف ڏنا ويا آهن؛ ٻئي باب ۾ اسم عام تي مشتمل لفظن جا مخفف روپ ڏنا ويا آهن؛ ٽئين باب ۾ اسم مصدر مان نڪتل لفظن جا مخفف روپ ڏنا ويا آهن؛ چوٿين باب ۾ بقول مؤلف جي ڪن ٻٽن لفظن جا مخفف ڏنل آهن، جن مان ڪي هي آهن:

| ٻٽو لفظ | مخفف روپ | ٻٽو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|---|---|
| سنڌ جو | سنڌي | هند جو | هندي |
| عربستان جو | عربي | لوهـ وارو | لُهر |
| سون وارو | سونارو | | |

Gul Hayat Institute

منهنجي خيال ۾ "سنڌ جو"، "عربستان جو"، "هند جو" "لوهه وارو" ۽ "سون وارو" ٻئا لفظ نہ آهن. بهرحال هيءَ هڪ ڌار بحث آهي جيڪو هن مقدمي سان واسطو نٿو رکي. ساڳيءَ طرح محترم مؤلف هيٺين گروهه کي همآواز لفظن طور پيش ڪيو آهي. منهنجي سمجهه مطابق انهن لفظن کي همآواز لفظ بيان ڪرڻ، علم اللسان جي حوالي سان صحيح نہ آهي. اُهي لفظ هي ڏنا اٿس:

| مخفف | لفظ |
|---|---|
| موهِن | موهِين |
| ڪوهِن | ڪوهِين |
| ڳوهِن | ڳوهِين |

انهن لفظن کي ڌار عنوان هيٺ رکڻ صحيح فيصلو نہ آهي.

(ت) مخفف لفظن جي وياڪرڻي خصوصيت:- هن لغات جي گهري مطالعي سان خبر پوي ٿي تہ هن ۾ شامل لفظن مان هرهڪ جو انفرادي حالت ۾ اُچار ڪيئن ڪيو ويندو آهي پر جڏهن اهو لفظ يا اهي لفظ ڪنهن گفتگو (روزمره واريءَ گفتگو) ۾ ڳالهايا ويندا آهن يا شعرو شاعري ۾ ڪم آڻبا آهن، تڏهن اُنهن جي لکت واري صورت مان خبر پوندي تہ اُنهن لفظن جو اُچار ڪهڙي شڪل يا صورت وٺي بيهندو آهي، يعني اُهو لفظ يا اُهي لفظ روزمره واري گفتگو، ڪنهن نثري جملي يا شعر جي مصرع ۾ ڪهڙي مخفف صورت ٺا ناهين. اهڙن مخفف لفظن جي اڀياس ڪرڻ مهل انهن لفظن تي علم صوتيات، علم صرف يا علم نحو جا قانون اثرانداز معلوم ٿين ٿا. اُنهن لفظن تي، "سَنڌي"ءَ (assimilation) جي قانونن موجب، تخفيف يا سوس وارو اصول اثر انداز محسوس ڪبو آهي. انهن ۽ اهڙن لفظن جي مخفف روپن ۾ جيڪي صوتي، صوتياتي ۽ سَنڌيءَ جي اصولن جي ڪري تبديليون رونما ٿينديون آهن، اُنهن کي (انهن لفظن جي مخفف روپن کي) چڱيءَ طرح جاچي يا پروڙي سگهجي ٿو. مثال طور:

| لفظ جي انفرادي صورت | عام جملي ۾ لکيل صورت ۽ اُچار | مخفف روپ |
|---|---|---|
| اٿن | ماني ڪاڏي اٿن | ماني ڪاڏي ٿن/ماني ڪاڏِن |
| | هنن چيو آهي/چيو اٿن | چيو ٿن/چيُن |

مٿين مثالن ۾ "ڪاڏِن" ۽ "چِيُن" مخفف روپن جو جڏهن غور سان اڀياس ٿو ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ هن سلسلي يا عمل ۾ "سَنڌي"ءَ وارا اصول اثر انداز آهن. ۽ اهي اصول ئي مخفف روپن جي اصلوڪن لفظن جي ڳولڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

هن نقطي کي اڳتي هلي، مثال ڏيئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي انهن روپن جو تفصيلي جائزو تڏهن سامهون ايندو جڏهن انهن ۾ اهڙن بين لفظن يعني مخفف يا سسيل روپن کي روزمره واريءَ ٻوليءَ يا عام گفتگو يا شعروشاعريءَ ۾ ڪم آڻي، انهن جي چند چاڻ ڪئي ويندي.

مرحوم ڊاڪٽر سنڌيلو پنهنجي ڪتاب، "تحقيق لغات سنڌي" جي حوالي سان فرمائي ٿو:

> "فلسفہ اللسان (Philology) بحر بيڪران آهي، جنهن جو انت لهڻ آسان نہ آهي"(١)

پر آءٌ تہ ائين چوندس تہ "فلسفہ اللسان" تہ "علم اللسان" جو فقط هڪ شعبو آهي. جڏهن تہ "فلسفہ اللسان" (Philology)، مرحوم سنڌيلي صاحب جي خيال ۾ بحر بيڪران آهي تہ پوءِ "علم اللسان" (Science Linguistic) جي اَتاهہ مهاساگر جي پاتال ۾ پيهي، اُن جو انت ڳولڻ تہ اوکي ۾ اوکو ڪم آهي. مخدوم طالب المولىٰ صاحب تہ هڪ غواص بنجي، علم اللسان جي هن عميق ۽ بي انت بحر ۾ ٽٻو ڏنو آهي، ۽ موتي ميڙڻ جي نهايت ئي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. نواءِ سنڌ اخبار جي ايڊيٽر پنهنجي ١-١-١٩٥٦ع واريءَ اخبار ۾ تبصرو ڪندي، سنڌيلي صاحب کي داد ڏيندي لکيو آهي:

> "قابل مصنف هن بحر بيڪران ۾ هتين خالي گهڙي، تڙڳي تڙڳي ۽ ٽٻيون هڻي، جيڪي موتي ڪڍيا آهن، تن جو قدر نہ ڪرڻ حد درجي جي زيادتي ٿيندي."

ماشاءالله هن قسم جو داد طالب المولىٰ سائينءَ جن کي بہ، سنڌن هن املهہ ماڻڪ ۽ اعلىٰ پايہ جي شهپاري تي ڏيڻ گهرجي. مخدوم صاحب جن، موجوده ڪائنات تي فتح واري هن دور ۾، هڪ آزمودگار غواضُ بنجي، سنڌي زبان ۽ ادب جي اتاهہ مهاساگر ۾ ٽٻو ڏيئي، اُن جي پاتال تائين پهچي، املهہ ماڻڪ ميڙي، هن لغات جي صورت ۾، سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن اڳيان رکيا آهن. هاڻ اهو اسان تي ڇڏيل آهي تہ اُن جو کهڙي نموني سان قدر ڪريون، پر آئون تہ ائين چوندس تہ مخدوم صاحب سنڌي ٻوليءَ کي سونو تاج پهرايو آهي. وري جو ساٿي ملين محترم احمد خان آصف مصراڻيءَ جهڙو مخلص، محنتي، سباجهو، سخنور ۽ هن ڏس ۾ ماهر جنهن مخدوم صاحب طرفان گڏ ڪيل مواد کي سهيڙي، سموهي ۽ سنڌري هڪ مڪمل مسودي جو روپ ڏنو. هو لکي ٿو:

> "لغات سنڌي مخفّفات جو مواد قبلہ مخدوم محمّد زّمان صاحب طالب المولىٰ جن، جدا جدا نوٽبوڪن، چوپڙين، بلڪ چٽڪين تي ڪٺو ڪري، ان کي باقاعدي ترتيب ڏيڻ لاءِ

(١) عبدالڪريم سنڌيلو، ڊاڪٽر: "تحقيق لغات سنڌي"، ص ٣٣

هڪ خاص نوٽبوڪ تي ڪم به شروع ڪيو، مگر لڳاتار طبيعت جي ناسازي، سروري جماعت جي سالاري، ٻين ذميدارين، مشغولين ۽ مصروفيتن سبب اهو ڪم روڪي ڇڏيو هئائون.
مون لاءِ فخر جي بات آهي ۽ آءٌ پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان جو اُهو سمورو مواد ترتيب ڏيڻ لاءِ منهنجي حوالي ڪيائون."

وري وڏا ڀاڳ منهنجا ڇنبا جو هن شهپاري جي مقدمي لکڻ جي سعادت مون کي نصيب ٿي، جنهن لاءِ آئون مخدوم صاحب جن جو ٿورائتو آهيان. مون هن کان اڳ وارن صفحن ۾ عرض ڪيو آهي ته:

"منهنجي خيال ۾ هن لغات جي مصنف جو هي ڪم 'جدت' ۽ تخليقي ڪم آهي. هن لغات واري تحقيقي ڪم جو خيال، اڳ ۾ ڪنهن به صاحب جي ذهن ۾ اُبريوئي ڪونه هو، يعني ته هي خيال ڪنهن به ماهر جي ذهن ۾ هن کان اڳ سرجيو ئي ڪونه هو."

منهنجي هن دعوا جي تصديق، محترم انور هالائيءَ جي هيئينءَ راءِ مان ملي ٿي. انور هالائي صاحب، "طالب المولىٰ سائينءَ جي شاعرانه حيثيت" جي عنوان سان "ديوان طالب المولىٰ" ۾، صفحي ٢٩ تي لکي ٿو:

"چوٿين دور ۾ زير مطالع ڪتاب، ديوان طالب المولىٰ، ١٩٨٢ع ۾ شايع ٿيو آهي. هڪ ڪتاب، "سنڌي مخففات"، مخدوم صاحب لکي رهيو آهي جيڪو عنقريب شايع ٿي ويندو. سنڌي مخفف بابت مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪتاب ديوان طالب المولىٰ ۾ اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي، توقع آهي ته اهو ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ نئون تحقيقاتي ڪتاب ثابت ٿيندو"(١).

بيشڪ هيءَ لغات سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ بي بها خزانو آهي. هن لغات سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۽ انهن جي صوتي، صرفي ۽ وياڪرڻي اڀياس واري ڪيتر ۾ شاندار اضافو ڪيو آهي. هن ڪتاب جي مؤلف، لفظ جي مخفف روپ جي سلسلي ۾، صحيح راءِ ڪانه ڏني آهي. مهاڳ ۾ هوُ لکي ٿو:

(١) ڏسو: "ديوان طالب المولىٰ، ص ٢٩

Gul Hayat Institute

اصل لفظ مان "ي" ڪڍڻ سان مخفف ملي ٿو"، جيئن:

| لفظ | مخفف | لفظ | مخفف |
| --- | --- | --- | --- |
| اکيُن | اکِن | ڏکين | ڏکِن |
| مکيُن | مَکِن | سکين | سکن(١) |

حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي اصولن ۽ قانونن موجب لفظ جي مخفف روپ ٺاهڻ لاءِ اهڙو ڪو بہ قانون ڪونهي، جيئن مصراٽي صاحب فرمايو آهي، پر حقيقت ۾ ڪنهن بہ لفظ جي مخفف ٿيڻ يعني سسڻ يا گهٽجڻ جي باري ۾ جيڪي اصول ۽ قانون، انهن لفظن جي اپياس ڪان پوءِ نظر آيا آهن، اُنهن مان ڪي هن کان اڳ وارن صحفن ۾ بيان ڪيا ويا آهن، پر هت هڪ دفعو وري هيٺ ڏُهرائڻ مناسب سمجهان ٿو، اُهي اصول هي آهن:

(الف) سَنڌي (ادغام) جا اصول ۽ قانون جيڪي لفظن جي مخفف صورتن ٺاهڻ ۽ اُنهن جي اپياس ۾ مدد ڪن ٿا.

(ب) روزمره واري ۽ عام گفتگو واري ٻوليءَ جو اپياس

(ت) شاعري يا نثر ۾ ڪم ايندڙ لفظن، فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جو مخفف ٿيڻ.

(ث) هن لغات جي ٻوليءَ ۾ افاديت ـ انهن ٽنهي اصولن مان جيتوڻيڪ شاعري يا نثر ۾ ڪم ايندڙ لفظن جو فقرن ۽ جملن يا مصرعن ۾ استعمال، ٽئين نمبر تي ڏنو ويو آهي پر جيئن تہ هن لغات جي مصنف، شاعريءَ واري اصول تي پنهنجيءَ هن لغات جو بنياد رکيو آهي، ان ڪري، پهرين اُن اصول جي باري ۾ بحث ڪبو. منهنجي ڄاڻ ۽ مطالعي موجب ۽ پڻ مخدوم صاحب جن جي راءِ موجب، شاعريءَ ۾ ڇند جي ماترائن يا علم عروض جي وزن جي پورائي ڪرڻ لاءِ مصرعن ۾ ڪي لفظ يا ڪن لفظن ۾ ڪي آواز مخفف ڪرڻا پوندا آهن. هن دعوا کي جناب طالب المولىٰ جن پنهنجي ديوان ۾ لکيل پُرمغز مهاڳ ذريعي وڏيڪ صحيح ثابت ڪيو آهي. مخدوم سائينءَ جن لکن ٿا:

> 'اُڇيو'، 'اُڇئو'، 'مُڙيو'، مُڙئو'، 'وڌيو'، 'وڌئو'، 'اگهيان'، 'اگهئان'، 'لکيو'، 'لُکئو'، 'ڪليو'، 'ڪلئو'، پيو، پئو وغيره لفظ اَنهيءَ اُنَهِيَ، لکندو آهيان. 'ي' تي 'زبر' ڏيڻ سان اصل مطلب ادا ٿئي ٿو ۽ 'همزو' (ء) زائد آهي. 'آهيان'،

---

(١) ڏسو: "لغات سنڌي مخففات" جو مهاڳ

Gul Hayat Institute

'آهئان'،'اَهيان'، 'هُان'، انهن لفظن جون لکٽيون جدا مگر معنيٰ ساڳي آهي، تنهنڪري ضرورت سارو سواءِ 'هان' ۽ "هِن" جي باقي تنهي شڪلين ۾ اهي لفظ استعمال ڪندو آهيان. انهن لکٽين ۾، عروض موجب تقطيع (ونڊ ورڇ) ۾ آساني ٿئي ٿي"(١).

اڳتي فرمائين ٿا ته:

'آئون لفظ 'لَهٔ' يا 'لَئي' بدران 'لِءَ' ڪري لکندو آهيان ۽ اُن کي درست سمجهان ٿو ڇو ته ٻيءَ طرح جي لکٽي تقطيع ۾ غلط ٿيندي: مثال طور:

ملاقات لَئي محب مشتاق جو
سڪي ساهه وارو ادا ڪج عرض
(فاضل)

"نه آهي پروسو ڪايه نه مايه تي نه سايا تي
انهيءَ تصديق لئہ غافل وڃي گورو ڪفن ڪان پڇ"(٢)
(انجم)

متي ڏنل وضاحت، مثالن ۽ هيٺ ڏنل راءِ مان بلڪل واضح ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب جن مخفف روپن جي مفهوم ۽ ڪارج کان ١٩٨٢ع ۾ به چڱيءَ طرح واقف هئا. فرمائين ٿا:

"ڪڏهين' ۽ 'جڏهين' جو مخفف (گهٽايل) 'ڪڏهن' ۽ 'جڏهن' آهي؛ ڪي ته 'ڪڏ' ۽ 'جڏ' به لکندا آهن. جي غلط سمجهان ٿو"(٣).

اڳتي لکن ٿا ته :

"لفظ 'آهن' کي 'هِن' ۽ 'آهيان' کي 'هان' به ڪري، ڪٿي چون ۽ لکن ٿا. اهي لفظ سنڌ جي اُترين حصي جا آهن. جهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسي الفاظن جا مخفف آهن تهڙيءَ طرح ڪيترن ئيءَ سنڌي لفظن جا مخفف موجود آهن:

ڪجهه مثال هي آهن:

---

(١) مخدوم محمّد زّمان طالب المولىٰ، "ديوان طالب المولىٰ"، ١٩٨٢ع، ص ص ١٦ ۽ ١٧.
(٢) ايضاً
(٣) ايضاً ص ١٧

Gul Hayat Institute

هِنن هِن ندين ندن اکين اِکن
تنن تن آهِن هِن سَمين سَمِن
وَهين وَهِن ستين سَتِن جنن جِن
شڪين شڪِن آهيان اَهيان وسين وَسِن
آهِن هِن گهتين گهتن هُئا يا هُيا ها
متين متِن هُئو يا هُيو هو ڏنگين ڏنگِن
سومار سومَر چڏين چڏِن صدين صَدِن
مچين مچن ادين ادِن چڪين چڪِن
ونين وَنِن يارَ يَر" (١).

طالب المولیٰ سائينءَ جن لکن ٿا:

"متيان لفظ شاعريءَ ۾، بغور پڙهڻ سان، آسانيءَ سان سمجهڻ ۾ اچن ٿا. لفظ 'وَهُ'، 'رهه' به آهن. جيئن 'اوهان'، 'توهان' ۽ 'گرهاتي'، پر انهن کي رديف نتو بنائي سگهجي" (٢). طالب المولیٰ سائينءَ جن جي انهيءَ راءِ کي، شعر جا هيٺيان مثال وڌيڪ وزندار بنائين ٿا. انهن شعرن ۾ لفظن جي مخفف روپن جا مثال ملن ٿا:

لکڻ ۾ — پڙهڻ ۾

وري آداب محفل کان ٿيا او روشناس آهن — وري ادا ب محفل کا ٿيا او روشناساهن
نشيمن کان جي بي پرواهه هئا آواره هرجائي — نشيمن کا بي پروا هئا آوارا هرجائي (٣)

لفظن جي مخفف روپن جا مثال شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به بيشمار ملن ٿا: مثال طور:

دوس منا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

هن مصرع ۾ 'دوس' لفظ، 'دوست' جي مخفف صورت آهي ۽ 'ت' حذف ڪيو ويو آهي. ٻيو بيت آهي:

ٻاروچاڻا ٻار توڙان ترس نہ سکيا.

هن مصرع ۾ 'توڙان' لفظ 'توڙ کان' لفظن جو مخفف روپ آهي.

اهڙيءَ طرح ڪڳمار لفظ ڪڙڳ مار جو مخفف آهي.

مرزا قليچ بيگ جي ڪلام ۾ مخففات جا ڪيترائي مثال ملن ٿا: مثلاً:

---

(١) مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ: ديوان طالب المولیٰ، ١٩٨٢ع، ص ص ١٦ ۽ ١٧
(٢) ايضاً ص ١٨
(٣) مرزا سڪندر علي: "سنڌيءَ جو عروض"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٨٣ع، ص ص ٦٧ ۽ ٦٨

Gul Hayat Institute

پنهنجي ڪوچي ۾ ڏسي رات رقيبن مُنڪي،
پڻ خبردار ڪيو ڪنهن ڪيو دلدار ڪيو (١)

هن شعر ۾ 'مُنڪي' لفظ، 'مون ڪي' جو مخفّف روپ آهي.

مير عبدالحسين خان سانگيءَ به شاعريءَ ۾ وزن جي پورائيءَ لاءِ ڪن ڪن لفظن جا مخفّف روپ ڪم آندا آهن: مثال طور:

نڪا پوک پوکن، نڪو هر هَلي،
تڏهن پي سکيا آهن مارو منا(٢)

هن شعر ۾ 'پوکن' لفظ 'پوکين' جو مخفّف روپ آهي.

سانگيءَ جي ڪلام ۾ ٻيا مثال هي آهن:

سدا منهنجا منجهه ملير،
پپن ۽ گولاڙن مان "ماڻن" مزا،
پنهوارن جي آهي پُسيءَ سان پريت،
سگر سيڪي "ڪائن" سانگي سا سدا(٣)

مٿين ٻن شعرن ۾ 'ماڻن' ۽ 'ڪائن' لفظ، 'ماڻين'، ۽ 'ڪائين' جا مخفّف آهن.

هن قسم واريون خصوصيتون محترم شيخ اياز جي ڪلام ۾ به نظر اچن ٿيون. شيخ صاحب جي ڪلام مان ڪي مثال ڏجن ٿا:

ٻوڙي ٻوڙي تڪجي،
وڻ جي هيٺيان ٻيٺا سوچن.(۴)

هن شعر ۾ 'سوچن' لفظ 'سوچين' لفظ جو مخفّف آهي. شيخ صاحب جي هڪ ٻي مصرع به ملاحظ فرمايو:

اڙي چنڊ اڙي چنڊ پرين تو نه ڏٺو آ (۵)

لفظن جي مخفّفات جا اهڙا ڪئين مثال محترم شمشيرالحيدري، تنوير عباسي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ به ملن ٿا. نوجوان شاعر اياز گل جي ڪلام مان ڪي مثال ملاحظ فرمايو:

---

(١) عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، جامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٨٠ع، ص ٢٣٥

(٢) ايضاً

(٣) ايضاً

(۴) عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي. ص ٢۴٥

(۵) غلام علي الانا ۽ زيب شيخ: ادبي اوسر، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ١٩٦٧ع، ص ۵

Gul Hayat Institute

سوچون ساريون هارايل سردار جيان،
خواب پيا ها پيرن ۾ تلوار جيان،
چپ اوهان جا پنهنجا، لفظ پراوا هِن،
يارو! آهيو ڊرامي جي ڪردارن جيان.

هن شعر ۾ 'ها' 'هِن' لفظ مخفّف روپن جا مثال آهن. اياز گل جو هڪ ٻيو شعر مثال طور ڏجي ٿو:

نفرت جنهن جي ٻولي آهي،
منهنجي هٿ ۾ گل سندس لَءِ،
هن جي گن ۾ گولي آهي(١)

هن شعر ۾ 'لَءِ' لفظ مخفّف صورت آهي.

شاعريءَ وانگر نثر ۾ ۽ روزمره واري ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ مخفّف ملن ٿا. مثال طور مخدوم صاحب، ديوان طالب المولىٰ جي مهاڳ ۾ لکن ٿا:

"ماڻهن جي تمنائن، تقاضائن ۽ ڪاڏ پيٽ سندن وڙهڻ جا سبب پيدا ڪيا"(٢)

سَنڌيءَ وارا قانون ـ متي لفظن کي مخفّف ڪرڻ يا سسائڻ جا جيڪي مثال شاعريءَ مان ڏنا ويا آهن، انهن جي مخفَّف ٿيڻ يا سسائڻ واري عمل جي مطالعي لاءِ، سَنڌيءَ جا قانون مدد ڪن ٿا. هن ڏس ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب (٣) ۾ سنڌيءَ جي اصولن جي باري ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي. البت اهو قبول ڪرڻ ۾ ڪو ٻه عار ڪونه ٿو سمجهان ته ان وقت منهنجي ذهن ۾ لفظن جي مخفّف صورتن جو، تصور ٻه ڪونه هو. هيٺ مثال ڏيئي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ته ڪنهن ٻه لفظ ۾ ڪنهن آواز جي گهٽجڻ، سسجڻ، گم ٿيڻ يعني ڪنهن لفظ جي مخفّف ٿيڻ ۾ "سنڌيءَ وارا اصول ۽ قانون" اثر انداز ٿيندا آهن.

سنڌيءَ جي لغوي معنىٰ آهي 'جوڙ'، 'ڳنڍ' يا 'ميلاپ'. انگريزيءَ ۾ اُن عمل کي assimilation چئبو آهي، جڏهن ڪنهن ٻه مرتب يا مرڪب لفظ، فقري يا جملي ۾ مثال طور مرتب لفظ جي حالت ۾ بنيادي لفظ سان هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ 'پروس' صرفيه

(١) عبرت مخزن، ١٥ـ آڪٽوبر ١٩٩٠ع، ص ٢١

(٢) ديوان طالب المولىٰ، ص ١.

(٣) غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس". ڄام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٨٧ع، ص ص ١٠١ ـ ١٢٠

Gul Hayat Institute

يا صورتون بنيادي لفظ جي اڳيان يا پنيان اهڙي نموني ملن يا گڏجن جو پهرئين لفظ يا صرفيہ جو پويون آواز ۽ پوئين لفظ يا صرفيہ جو پهريون آواز هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز يا صوتيہ ۾ متجن يا تبديل ٿين، تہ اهڙي تبديليءَ کي لسانيات ۾ "سَنڌيءَ جي اثر کان تبديلي" شمار ڪيو ويندو آهي. هن وصف جي مطالعي کان پوءِ جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن اُهي هي آهن:

(الف) لفظن يا صرفين جي ميلاپ يا جوڙ وارا مرڪب آواز يا آوازن جا ميل، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن: مثال طور:

اُت ← چارڻ = اُچ + چارڻ ← اُچّارڻ

ايڪا + دش ← ايڪا + رهہ ← اي + آ + ره ← يا ره

دوا + دش ← ٻا + دَش ← ٻا + رس ← ٻاره ← ٻاره ← ٻارهن

پنج + دَش ← پند + رهہ ← پن + ره ← پندره (١)

سَت + جن ← سج + جن ← سَجّن ← سڄڻ

اهڙيءَ طرح وڌيڪ مثال سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪتاب ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

(ب) ٻن لفظن يا هڪ لفظ ۽ هڪ پَروس صورت جي ميلاپ جي حالت ۾ پوئين آواز (صوتيہ) جي اثر کان، پهريون آواز وڃان ٿي هڪ نئين ٿئين آواز جو روپ وٺندو آهي؛ جيئن:

دُهہ + بل ← دُر + بَل ← ڏُبل ← ڏٻرو

نهہ + قل ← نش + قل ← نس قل

نهہ + مل ← نر + مل ← نرمل ← نمل

واٽيو + آٽي ← واٽ + ياٽي ← واجاٽي(٢)

(ت) تاريخي ارتقا دوارن ڪنهن لفظ ۾ هڪ آواز بدلجي ٻيو آواز ٿي ويندو آهي. هن عمل کي "تاريخي سَنڌي" چئبو آهي. سنڌيءَ جو هي قسم، ٻوليءَ جي ارتقا سان واسطو ٿو رکي، يعني ٻوليءَ جي ارتقا دوارن جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ٻيون تبديليون واقع ٿينديون آهن، تيئن تيئن هن قسم واري سنڌي بہ پنهنجا اثر ظاهر ڪندي آهي. هن قسم واري سنڌيءَ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪو لفظ، ڪنهن زماني ۾ هڪ خاص نموني سان اُچاريو ويندو هو پر جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ترقي ايندي ويئي تيئن تيئن اهڙن لفظن ۾ آوازن ۽ سندن گروهن ۾ يا خاندان ۾ فرق ايندو ويو؛ مثال طور:

(١) غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، ص ص ١٠١ ـ ١٢٠

(٢) ايضاً

Gul Hayat Institute

(i) ڪن لفظن ۾ تاريخي ارتقا دوران "ڪ". "گھ" ۽ "ت" آواز بدلجي "ھ" ٿيا: مثال طور:
مک ـ مُھ ـ مُنهن
ميگھ ـ ميھ ـ مينهن

(ii) تاريخي سنڌيءَ جو هڪ ٻيو قسم اهو آهي جنهن ۾ ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪنهن لفظ ۾ آواز گم يا حذف ٿي ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن. جن مان تاريخ جي گذرڻ سان گڏوگڏ ڪي آواز يا صوتيو آهستي آهستي گم ٿي ويا. يا حذف ٿي ويا يا مخفّف ٿي ويا: مثال طور:
گرام ـ گام ـ ڳاؤن — سنيھ ـ نيھ ـ نينهن
پراتا ـ پرا ـ پا — سروي ـ سوي ـ سيي ـ سيِ
اردّ ـ اڌ — چرم ـ چم
ارگھ ـ اگھ — ماتر ـ مات ـ ماءُ
ارڪ ـ اڪ — ڪريندي ـ ڪندي.
رسمي ـ رسي
شادباش ـ شاباش ـ شاباس
خوددار ـ خودار
شاھ گرد ـ شاگرد
بادشاھ ـ باشا ـ پاشا (۱).

سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعريءَ ۾ "ڪرن" "ڪريندي". لفظ جي استعمال جا مثال ملن ٿا. مثال طور اسحاق آهنگر جو هي سورنو ڏسو:

تيان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ جي ڇڄ تي،
مانَ ڪَرَن ڏُرڪ، ٻولي ٻاجهاريءَ سين.

شاھ ڪريم جو دوھو بہ هڪ سٺو مثال آهي:

(۱) غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، ڄام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ۱۹۷۸ع، ص ص ۱۰۱ـ۱۲۰

Gul Hayat Institute

چند چور ڪريندي، رتو منهن کُھاڙ،
سجڻ ڏچڻ نہ ٿئي، رُسي جي سوَ وار(۱)

هن سلسلي ۾ سنڌي ماڻهن ۽ شهرن جي نالن جا مخفف روپ بہ ڏاڍا دلچسپ معلوم ٿين ٿا. ۽ اپڀاس طرف ڌيان ڇڪائين ٿا: مثال طور:

| اصلوڪو لفظ | مخفف روپ | اصلوڪو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|---|---|
| خداآباد | خداواد | خدا ڏنو | خدانو |
| الله ڏنو | الانو | الله ڏتو | الله تو |
| غلام محمد | گلاند | نورالدين | نوردين |
| عبدالقادر | ڪادر | غلام علي | گلاملي |
| سائينءُ ڏنو | سائينو | سائينءُ جن | سائين |
| سائينءُ جن وڏا | سائين ڏا | ميرمحمد | ميرند |

لغات سنڌي مخفّفات ۾ بہ اهڙا ڪيترائي لفظ ڏنا ويا آهن، جيڪي سَنڌيءُ جي هن اصول سان واسطو رکن ٿا: مثلاً.

| اصلوڪو لفظ | مخفف روپ | اصلوڪو لفظ | مخفف روپ | اصلوڪو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|---|---|---|---|
| اڻ ٻٽت | اڻ ٻڻ | اٿاوت | اُٿت | اوهان | هان |
| چٽڪ | چڻ | اللهتوآهار | الاتوهار/الاتُوار | اٺورچ | اورچ |
| ٻلاٽتو | ٻلاٽو | اولاڪو | اولڪو | تندور | تنور |
| ٺونگڙو | ٺونگو | پاڇولو | پاڇو | ڏولچي | ڏولي |
| ڏوهاري | ڏوهي | ڏندرو | ڏندو | ڊيجڙو | ڊيجو |
| راڏاٺو | راڏو | رانول | راڻ | ڏن پرو | ڏاني |
| حجت | حج | خورشيد | خور | جاٽپ | جاڻ |
| جاءِ بجاءِ | جابجا | جڌهانڪر | جڌاڪر/جڌ | جڳت | جڳ |
| پولار | پور | پرين | پر | پچاٽو | پچا |
| پانڌيٽڙو | پانڌي | پاسراتي | پاسري | راڳائي | راڳي |
| رکوال | راکو | روڪڙ | روڪ | آجيان | آجان |
| اتيئي | ٿئي | چوانٽو | چاتو | | |

---

(۱) غلامِ علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، ص ص ۱۰۱ـ ۱۲۰

Gul Hayat Institute

(iii) تاريخي سنڌيءَ جو هڪ وڏيڪ مثال تاريخي سنجوڳي سنڌي آهي. تاريخي سنجوڳي سنڌيءَ جا مثال ٻه مخفّفات واري اڀياس ۾ مدد ڪن ٿا. هن قسم واريءَ سَنڌيءَ جي حالت ۾، لفظ ۾ ميل يا جوڙ وارا ڪي ٻه ٽي مخفّف آواز يا گڏيل آواز پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ بدلبا آهن. تبديل ٿيل نئون آواز ميل وارن آوازن کان بلڪل الڳ ۽ نون گروهن وارن آوازن مان هڪ هوندو آهي:

مثال طور:-

| اصلوڪو لفظ | نئون لفظ | تبديل |
| --- | --- | --- |
| اگر | اڳ | 'گ' ۽ 'ر' پاڻ ۾ سمائجي ۽ بدلجي نئين آواز 'ڳ' جو روپ ورتو آهي |
| ياگيہ | ياڳ | 'گ' + 'ي' هڪ ٻئي ۾ سمائجي 'ڳ' جي صورت ورتي. |
| ستيہ | سچ | 'ت' + 'ي' هڪ ٻئي ۾ سمائجي 'ج' ۾ تبديل ٿيا آهن. |
| هنيا | هَڇا | 'ت' + 'ي' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'ج' ۾ تبديل ٿيا آهن. |
| ويديہ | ويج | 'د' + 'ي' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'ج' ۾ تبديل ٿيا آهن. |
| هست | هٿ | 'س' + 'ت' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'ٿ' ۾ بدليا آهن. |

(iv)

لفظ جي انفرادي طور استعمال کان سواءِ اُن جو نحوي سٽاءَ ۾ استعمال ٻه مخفّف روپ جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ 'سنڌيءَ جا قانون' نہ فقط انفرادي لفظن جي حالت ۾ اثرانداز آهن پر جملن ڪم آندل لفظن جي روپن تي بہ اهي قانون پنهنجو اثر ڏيکارين ٿا ۽ لفظن کي مخفّف بنائين ٿا: مثال طور:

| | فرق |
| --- | --- |
| نہ + آهي ← ناهي | 'آ' سُر جي اثر کان، سندس اڳيان آيل 'آ' سر حذف ٿي ويو. |
| نہ + آهن ← ناهِن | ايضاً |

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ طرح هن لغات مان 'آياريُم'، 'آچيُم'، 'اُتڪايُم'، 'ٻاريُم'، 'چُيمُ'، 'پُيم'،' ڪاڏُم'، 'ڪاڏ' ءِ، وغيره مثال ثابت ٿا ڪن تہ متصل ضمير (ضميري پڇاڙيون) فعل، اسم سان ملي لفظ کي گهٽائڻ يعني مخفّف ڪرڻ جو ڪارج ادا ڪن ٿا. سنڌي وياڪرڻ جي اها هڪ اهم خصوصيت بيان ڪئي ويئي آهي: مثال طور:

| فعل جو ڌاتو | زمان جي علامت | ضميري پڇاڙيون | فعل جو گردان |
|---|---|---|---|
| لکڻ | يو (زمان ماضيءَ جي علامت | ضمير متڪلم: م | لکيوم ~ لکيم ~ مون لکيو لکيوسون/لکيوسين - اسان لکيو |
| = | = | ضمير حاضر: ءِ/و | لکيوءِ ~ لکيئہ ~ تو لکيو لکيُوءِ ~ لکِئوَ ~ اوهان لکيو |
| = | = | ضمير غائب: س/ن | لکيو ضميري نشاني هن لکيو لکيو حذف ٿي وئي هنن لکيو |

هنن مثالن ۾ زمان ماضيءَ جي صيفي ۾ ضمير غائب جي صورت ۾ ضميري نشانيون حذف ڪيون وينديون آهن ۽ 'لکيوس' / 'لکيون' جي استعمال سان جملي جي معنيٰ ۽ ضمير متصل جي ڪارج ۾ فرق اچي ويندو مثال طور:

لکيوس جي معنيٰ هُن، هُن کي لکيو

لکيون جي معنيٰ هُنن، هنن کي لکيو

البت 'هُن لکيو' جي مخفّف صورت 'لکيائين' آهي ۽ 'هُنن لکيو' جي مخفّف صورت 'لکيائون' ڪم ايندي آهي.

اهڙيءَ طرح 'لک' ڌاتوءَ جو زمان مستقبل ۾ گردان مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

| فعل جو ڌاتو | زمان جي علامت | ضميري پڇاڙيون | فعل جو گردان |
|---|---|---|---|
| لِک | اند+او/اي(مستقبل) | متڪلم :م/س | لکندوم لکندوس ~ آءٌ لکندس لکنديس /لکندم |
| | | سين/سون | لکنداسين ~ اسين لکنداسين لکنداسون |
| = | حاضر: ءِ/اين | | لکلندين ~ تون لکندين |
| = | حاضر: وَ/آ | | لکندائو/لکندا ~ توهين لکندا |
| = | غائب: س/ن | | لکندو ~ لکندا ~ هو لکندو هُو لکندا |

زمان مستقبل ۾ فعل سان ضمير متصل جي ملائڻ وارو قانون ڏاڍو دلچسپ آهي. 'لکندوم' ۽ 'لکندُم' جي معنيٰ ۾ وڏو فرق آهي. 'لکندم' ۽ 'لکندس' ۾ 'م' ۽ 'س'

Gul Hayat Institute

جو ڪارج ساڳيوئي آهي. اهڙيءَ طرح ’لکندوءِ‘ ۽ ’لکندءِ‘ جي اُها ساڳي معنيٰ ڪانهي جيڪا ’لکندين‘ ۽ ’لکندا‘ جي آهي. اهڙيءَ طرح ضمير غائب جاگردان بہ وياڪرڻين جو ڌيان ڇڪائين ٿا.

(ب) متصل ضميرن جو ٻيو ڪارج متعدي، ’متعدي بالواسطہ‘ ۽ ٻٽن بالواسطہ فعلن جي باري ۾ آهي. هيٺ ڏنل مثالن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ضمير متصل متعدي، متعدي بالواسطہ ۽ متعدي ٻٽا بالواسطہ فعل ٺاهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. مثال طور:

| فعل جو ڌاتو | متعدي فعل | متعدي بالواسطہ | ٻٽا بالواسطہ |
|---|---|---|---|
| سڙ- | ساڙ | ساڙا-ءِ | ساڙارا-ءِ |
| مر- | مار | مارا-ءِ | مارارا-ءِ |
| | لِک | لِک-ءِ | لکارا-ءِ |
| | چوَ | چوا-ءِ | چورا-ءِ |

اهڙيءَ طرح ’چيُم‘، ’چوائُم‘، ’چوارائُم‘، ’چوايومانس‘، ’چوارايومانس‘، ’ڏيڪاريم‘، ’ڏيڪاريومانس‘، ’ڏيڪارايومانس‘ ۽ اهڙا ٻيا مثال ڏاڍا دلچسپ آهن، جيڪي هن لغات جي حوالي سان وضاحت طلب آهن.

سنڌي وياڪرڻ جي مطالعي وارن موضوعن مان حالتن جا گردان دلچسپ آهن. ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ڪتاب ۾ حالت اپاران، حالت مڪاني ۽ حالت اوزاريءَ جا مثال ڏيندي اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ سنڌيءَ ۾، ’۾‘، ’ڪان‘، ’مان‘، ’ڪئون‘ ۽ ’مئون‘ حرف جر آهن. انهن حرف جرن جو ڪنهن اسم جي پويان اچڻ سان، اُن لفظ جو نہ فقط اُچار بدلبو آهي پر اُهي حرف جر اُنهن اسمن يا اسم سان ”مدغم“ ٿي گم ٿي وڃن ٿا. اهڙن مخفّف لفظن جي اڀياس ڪرڻ سان انهن لفظن ۽ حرفِ جرن جو اصلوڪو روپ بہ سڃاڻڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي. مثال طور:

| اسم | حرف جر | حالتن جي ڦيري ڪان پوءِ ورتل روپ |
|---|---|---|
| گهرُ | ڪان | گهرَ ڪان > گهران > گهرا |
| گهرُ | مان | گهرَ مان > گهران > گهرا |
| گهرُ | ڪئون | گهرَ ڪئون > گهرئون > گهروُن |
| گهرُ | مئون | گهرَ مئون > گهرئون > گهروُن |

انهن مثالن ۾ ’گهرا‘ ۽ ’گهروُن‘ مخفّف صورتون آهن. البت ’گهرئون‘ ۽ ’گهروُن‘ اُترادي لهجي ۾ رائج آهن. ’گهرا‘ ۽ اهڙا ٻيا مثال ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا.

Gul Hayat Institute

(ت) اهڙيءَ طرح 'وٽ'، 'کي'، 'سنڌو' وغيره سان متصل ضمير ملي دلچسپ صورتون اختيار ڪن ٿا. هن لغات ۾ هيٺيان لفظ، هن قسم جي اڀياس جي دعوت ڏين ٿا:

'وَٽُم'، وٽُئِہ'، 'ڪُيس'، 'ڪين'، 'ڪيم'، 'وٽن'، وٽس'،
'وٽانئس'، 'وٽانئن'، 'سُندم' 'سندن' 'سندُءِ وغيره.

سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي ۾ متصل ضميرن جا ڏاڍا دلچسپ مثال ملن ٿا، جيڪي مخفّف صورتن جي لاءِ اهم موضوع آهن (١).

| ضمير خالص | ضميري پڇاڙيون | فعل جا ڏاتو | زمان | معياري لهجي ۾ اُچار | لاڙي لهجي ۾ مخفف اُچار |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| متڪلم واحد | آن | ڏس ـ | حال | آءُ توکي ڏسان تو<br>ڏسانءِ تو | ڏسين تو ؎ ڏساني تو. |
| = جمع | اُن | = | | اسين توکي ڏسون تا ؎ ڏسونءِ تا | ڏسونئي تا |
| ضمير حاضر | اين/اين | = | | تون ڏسين/ڏسين تو.<br>ڏسين/ڏسين تو. | |
| ضمير غائب | اي | | | هو توکي ڏسي تو | ڏسني تو<br>ڏسَءِ تو |

اهڙيءَ طرح 'چانس تو' 'چومني'، 'اُچاني' وغيره جا مثال ڏيان چڪائين ٿا. پر 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ڪتاب' ۾ هن سلسلي جا ٻيا ڪئين مثال ملن ٿا.

حاصل مطلب تہ هن ساري چنڊ ڇاڻ مان هي ثابت ٿو ٿئي تہ مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ جن، هن لغات جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جي لساني مطالعي جي سلسلي ۾ هڪ نئين موضوع طرف ڌيان ڇڪايو آهي ۽ سنڌي لغات جي ڪيتر ۾ هڪ نئين قسم جو اضافو ڪيو آهي.

هيءَ لغات، شاعريءَ ۾ لفظن جي مناسب استعمال کان سواءِ روزمره واري ٻوليءَ جي اُچارن ۽ لفظن، فقرن ۽ جملن ۾ انهن جي ڪم اچڻ کان پوءِ اُنهن جي مخفّف صورت يا شڪل وٺڻ واري عمل جي اڀياس ۾ مدد ڪري ٿي.

(ث) جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌي لسانيات جي مطالعي جي ميدان ۾ هي هڪ اهم موضوع آهي، جنهن تي هن وقت تائين ڪنهن بہ عالم قدم نہ کنيو آهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي تحقيق بہ ڪافي مدد ڪري ٿي. ڊاڪٽر گدواڻيءَ سسيل روپ جي ڳالهہ ڪئي آهي. هو لکي ٿو:

(١) غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد". حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز ١٩٧٤ع، ص ٦٣.

"سوڍين جي نالن جو اپياس ڪرڻ سان گهڻين ئي نئين ڳالهين جي ڄاڻ ملي اتم. پهرين ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته جيئن اسان هندن جي مونث نالن ۾ 'بائي' (راڌابائي)، 'ديوي' (هري ديوي) ۽ ڪماري (وجيه ڪماري)، نالي جي پڇاڙيءَ ۾ گڏبو آهي، تيئن سوڍين جي نالن ۾ وري 'با' ۽ 'ڪؤر' جوڙين. 'با' تي سگهي ٿو ته بائيءَ جو 'سسيل روپ' (Ab-breviated) هجي، پر ڪؤر ته بلڪل سڪ ڌرم جي ٻولڻ جي مونث نالي پٺيان ايندڙ 'ڪؤر' آهي. اُچار ۾ ڪو به فرق ڪونهي. لفظ 'ڪؤر'، 'ڪنور' مان نڪتو آهي"(١).

گدواڻي صاحب اڳتي لکي ٿو:

"راجپوت پاڻ کي راجائي خاندان سان ڳنڍين ٿا ۽ ان ڪري هرڪو پاڻ کي راجڪمار سمجهندو آهي ۽ نالي سان گڏ 'ڪنور' لکندو آهي. راجڪمارين 'ڪنور' نالي سان ڳنڍڻ شروع ڪيو ۽ وقت جي دوران ۾ اُن مان نڪائون آواز گم ٿي ويو ۽ پوءِ اهو 'ڪؤر' ٿي پيو"(٢).

هيءَ لغات گهڻ ـ ڪارج واري لغات آهي. هن ۾ اڪيچار خصوصيتون آهن جن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن لغات جي مدد سان لفظن جا ڌاتو، اُچار، اشتقاق، ٻوليءَ ۾ لفظن جي معني، سمجهاڻي ۽ وياڪرڻي ڪارج معلوم ڪري سگهجن ٿا. هن لغات جي مطالعي سان لساني، وياڪرڻي، تهذيبي، تمدني ۽ ثقافتي ڳالهيون، نڪتا ۽ حقيقتون سامهون اچن ٿيون، جن جي چند ڄاڻ کي بنياد بنائي ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

حقيقت ۾ "لغات سنڌي مخففات" جو مطالعو سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، صرف ونحو، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا ۽ سنڌي لسانيات جو معالعو آهي. هي هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي وڌيڪ تحقيق لاءِ بنياد رکيو ويو آهي.

(١) پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت"، گانڌي نگر، گجرات سنڌي اڪادمي، ١٩٨٩ع، ص ص ٣٩ ۽ ٣٠

(٢) ايضاً

Gul Hayat Institute

عزت مآب مخدوم محمّد زمان طالب المولي سائين کي هن لغات لکڻ لاءِ آئون سلام ڪريان ٿو. مون وٽ اهڙا لفظ ئي نہ آهن جيڪي سندن محنت، قابليت، ذهانت ۽ علميت جي مڃتا لاءِ ڪم آڻيان. کين لکين لکين مبارڪون هجن. محترم احمد خان آصف مصراڻيءَ جي محنت بہ قابلِ داد آهي. هن طالب المولي سائينءَ جي گڏ ڪيل لفظن کي ڇنڊڪين ۽ چوپڙين تان اُتاري، اُنهن کي موجوده صورت ڏني آهي. منهنجي دعا آهي تہ هن خدمت ۽ محنت جي عيوض ربّ پاڪ مرحوم مصراڻي کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندس آل اولاد کي سکي ۽ آباد رکي.

سنڌ جو هر فرد هن لغات تي فخر ڪري سگهي ٿو.

حيدرآباد سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

٢٦_١٠_١٩٩٠ع

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# لغات
# سنڌي مخفّفات

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# باب پهريون

## اسم ـ ضمير ـ صفت ـ ظرف وغيره

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# آ

## [ مَد وارو الف ]

| اصل | مخفف | سمجهاڻي |
|---|---|---|
| آءُ | آ - اَچ | هيڏانهن آ، هتِ اچ. |
| آئيو | آيو | مان آيو آهيان. |
| آئيا | آيا | هُو آيا آهن. |
| آئِيون | آيون | هو عورتون آيون آهن. |
| آئيون | آيون | تون هِت آيون يعني آيو آهين. |
| آياسِ | آيَس | آئون آيَس. |
| آهي | آهِ - آ | هو گهر آهِ، هُو ٻاهر ويو آ. |
| آهِييَن | آهِين - آن | تون سياڻي اتي آهين؟ تون شاعر آن. |
| آهِين | آ هِن، اَهن، هِن | هو آهِن، هو اَهن، هو هِن. |
| آهيان | اَهيان، اَهان، هان | آئون هِت آهيان، آئون هت اَهان، آئون هتِ هان. |
| آهيان | اَهيان، اَهئان، هانِ | آئون سچڙُ اَهيانِ، سچڙ هانِ. |
| آئون | آنءُ - آن - (مان) | آنءُ ڳائيندس، آن ڪونه ڳائيندس. |
| اَبائتيُنِ | آبائِتن (عزّت وارن) | آبائِتن ڏُرن سان آبائتو ڳالهائبو. |
| آباديُن | آبادِن | هن سال پاڻي گهٽ هئڻ سبب آبادِن کي نقصان رسيو آهي. |
| آدِميُن | آدمِن | آدمن مانِ آدميت هلي وئي آهي. |
| آريُن | آرِن | آر يعني حجّت، انگل وغيره آريُن، آر جو جَمع آهي. هن جي آرِن ۾ نازُ آهي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **آڪاٽين** | آڪاٽِن | کھاٽِن، ڳالھِن. |
| **آسائتيُن** | آسائتِن | آس، اميدواريون. |
| **آماڊِيُن** | آماڊِن | راضي ٿيلن. |
| **آديسِيُن** | آديسِن ـ اَديسِن | آديسي، جن جو ڪو ديس نہ ھجي، سيلاني فقيرن جو قسم. |
| **آراٽو** | آرٽ | موسم ۾ درياءَ چڙھي جڏھن ڪچو ٻوڙيندو آھي، پاڻي لھي وڃڻ سبب جڏھن زمين ھر ڏيڻ جھڙي ٿيندي آھي، تڏھن ھاري ان ۾ ڳدرن جو ٻج ڇٽي ھر ڏيئي ڇڏيندا آھن. ان پوک کي آرٽ چئبو آھي. |
| **آڏار** | آڏر | ٽيڪ، سھارو. |
| **آھار** | آھر | ڏڍُ، آسِرو. |
| **آھِيَرُ** | اَھير | عورت جو مڙس، يارُ بہ. |
| **آھُر** | اَھر | وڪر ـ سرنھن کي بہ چَون. |
| **آسِرو** | آسر | آسروند ـ اميد. |
| **آرا** | آر | انگل وغيره. |
| **آڏوتين** | آڏوتِن ـ آڏوت | فقيرن جو قسم، ميرا ڪپڙا ڪندڙ. |
| **آقري** | آقَر | پيٽ ۾ ھوا پرجڻ، بدھضمي. |
| **البيلائِيُن** | البيلائن | نازن نخرن، ھُن البيلائن سان موھي ڇڏيو. |
| **آڙِينِ** | آڙِنِ | آڙ چئبو آھي، ڪنھن جانور يا ماڻھوءَ کي ھٿ ڪرڻ لاءِ انجي پيرن جي نشانن کي ڏسي، اڳ وني چوطرف، ڳولا ڪرڻ کي. ھو پير پيا آڙين، ھو پير پيا آڙن. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **آڊارايام** | آڊارايَم | جسم کي تيل سان مالش ڪرڻ کي آڊڻ چئبو آهي. |
| **آڊيام/آڊيوم.** | آڊايم | هنن کي ٻين کان آڊايم. آڊارايم، آڊارايام. |
| | آڊيَمِ | هنن کي مون آڊيو. |
| **آڊايوم** | آڊيُم | هنن مونکي آڊيو. |
| **آڪڙايام** | آڪڙايَم | آڪڙ هت ڪاوڙ جي معنيٰ ۾ ڪم ٿو اچي، ٻين جي هٿان آڪڙايم (ڪاوڙايم). |
| **آڪڙِين** | آڪڙن | ڪاوڙن. تنهنجي آڪڙن ۾ ٻه مزا آهن. |
| **آڪڙجئين** | آڪڙجان، آڪڙج | ڪاوڙ ڪجان. |
| **آڪڙيام** | آڪڙيَم | ڪاوڙجي پيا. |
| **آڪڙيوم** | آڪڙيُم | مونتي ڪاوڙيو. |
| **آڪڙائينِ** | آڪڙائِن | تون آڪڙ ڪرائينِ. |
| **آفِرايامِ** | آفرايم | آفري - سخت بدهضمي. هنن کي ٻين کان ڪارائي، آفرايو اٿم. |
| **آفريام** | آفريَمِ | منهنجا جانور آفرجي پيا. |
| **آفرايوم** | آفرايُم | ٻين هٿان هنِ کي آفرايم. |
| **آچارايام** | آچارايَم | هنن شين، ڪمن يا ڳالهين جي |
| **آچايام** | آچايم | هنن کي "آچ/پيشڪش" ڪرايم. |
| **آچايوم** | آچايُم | هن ڪم جي هنن کي آچ ڪرايم. |
| **آچائِين** | آچائِنَ | هو آچ ڪرائن. |
| **آچيوم** | آچيُم | مون آچ ڪِئي مانِ. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **آچارايام** | آچارايَم | آچار معنيٰ سوچ ويچار، فيصلو. فلاڻيون ڳالهيون ٻين کان آچارايم ويچار ڪرايم، فيصلو ڪرايم. |
| **آچاريامِ** | آچاريم | مون سوچ ويچار ڪيا، غور ڪيا. |
| **آچاريوم** | آچاريُم | مون آچار ڪيو. |
| **آٽارايام** | آٽارايم | فلاڻا گهرايم، سڏايم. |
| **آٽايام** | آٽايم | فلاڻا گهرايم، سڏايم. |
| **آٽايومِ** | آٽايم | هن کي گهرايُم |
| **آٽائينِ** | آٽائِن | سَڏائين، گهرائن. |
| **آٽِين** | آٽِن | ڪٽي اچن، وٺي اچن. |
| **آلائينِ** | آلائن | ڪپڙا آلائين يا آلائِن پيا يعني پوري طرح سُڪا نه آهن. |
| **آيامِ** | آيم | مهمان آيم. |
| **آندامِ** | آندم | ڪتاب آندم، وٺي آئيس. |
| **آنديام** | آنديَم | هوءَ شي آنديم. |
| **آبري** | اَبري | هِيٺي، هوءَ ڏڳي اَبري آهي. |
| **آيام** | اَيَم (ابهم) | ننڍو ٻار. |
| **آتڻ** | هَتَڻِ | سگ جو عيوضو. |
| **اتان** | اَتِن ـ تَنِ | هنن وٽ هيءَ شيءَ آهي. |
| **آجيان** | آجان | مرحبا ڪرڻ. |
| **آجهاپو** | آجهپ ـ جهپ | مسافريءَ ۾ واٽ تي ٿورو ترسي آرام ڪرڻ. |
| **آچار** | آچر | ماڻهوءَ جو نالو. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **آڌار** | آڌر | آسرو ٽيڪ. |
| **آڌائون** | اڌئون | ڪتيءَ جي فصل ڪٽڻ بعد ۽ چيٽ جي مند کان ٿورو اڳ ڪيل فصل کي اڌئون چوندا آهن. |
| **آڌياري** | آڌِيرِي | اڌبائتي، ڪا ڳئون يا مينهن، ڪنهن ماڻهو کان اڌ جي قيمت وني ڏجي، باقي اڌ انوٽ هجي، انکي اڌيري يا اڌبائتي چئبو. |
| **آڏت وار/ آرتوار** | اتوار (آچر) | ڏينهن جو نالو. |
| **آڌوڪو** | اُڌڪو | فڪر يا ڳڻتي. |
| **آڏڙو ٻيڙو** | آڏو ٻيڊو | دعا ته فلاڻو وڏي عمر ماڻي عام ٻوڙهو ٿئي. |
| **آرا** | آر | انگل. |
| **آرياڻي** | آري | پنهون جو لقب. |
| **آروپار** | آرپار | ٻنهي پاسي. |
| **آراٽو** | آرڻ | دريا جي لهي وڃڻ سبب ڪچي واري زمين ۾ ولين جي پوک. |
| **آرينڙو** | آرينو | وکر، هن جي کل نانگ جي زهر جو ترياق آهي. |
| **آسائتو/آسائت/ آسائو/آسروند** | آسِي | آسَ يا اميد رکندڙ. |
| **آسارو** | آسرو - آسر | اميد - ڀروسو. |
| **آسي پاسي** | آسپاس | چوگرد. |
| **آڪارو** | اڪارو | اڪ جو سُٽُ. |
| **آڪاه** | آڪه | ڪتنب جا ياتي. |
| **آڪڙباز** | آڪڙيل | اجائي آڪڙ وڏائي ڪندڙ. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **آکيرڙو** | آکيرو | پکين جو آشيانو. |
| **آ ڳٺل/آڳيل** | آڳل | ٻيڙي جو اڳيون حصو. |
| **آلڙ** | الڙ | رڇ يا سوئر تي ڪتن جي ٻچ ڪرڻ. |
| **آنڌاري** | انڌاري | مٽي گاڏڙ طوفان، اونده. |
| **آئون** | آء ـ آن | مان. |
| **آنهِري** | آهري | آئينو ـ درسني. |
| **آهار** | آهر | آسرو ـ ٽيڪ. |
| **آهينِ** | آهِن، اَهِن، هِن | هو هت آهن، هو هت هِنِ. |

Gul Hayat Institute

# الف

## [ الف بنا مد جي ]

| | | |
|---|---|---|
| **اکين** | اکِنِ | اکين ۾ سرمو پاتل اٿس، اکن ۾ سرمو اٿس. |
| **ادِيُن** | اَدِن | پينرن. |
| **اَٿَنِ** | ٿَن | هٿ ۾ چابڪ اٿن، هٿن ۾ انب ٿن. |
| **اٿمِ** | ٿمِ | خبر اٿم، خبر ٿم. |
| **انيُين** | اَنِين | ٻٽي فوٽ ڪاني، جنهن جو هڪ پاسو ـــه هن نموني هوندو آهي ۽ ان سان ديڳ ۾ چانورن کي اٿلائبو پٿلائبو آهي. انيون جمع آهي، اِني جو. |
| **اَڏِيُن** | اَڏِن | اڏي ڪاٺ جو ٿلهو ٽڪر، جنهن تي ڪاسائي گوشت کي قيمو ڪندا آهن. واڍا اڏيءَ تي ڪاٺ رکي انکي گهڙيندا آهن. اڏي جو جمع آهي اڏين يا اڏِن. |
| **اُٻاهرو** | اُٻهرو | طبيعت جو تيز، تکڙو. اٻهرو نه ٿجي. |
| **اُٻاهري** | اُٻهري | تکڙي. |
| **اُبڊ** | ٻُڊو | بيوقوف. |
| **اَيِرو سَيِرو** | اَيِر سَيِر | هيٺو ڏاڍو. اير سير ٻ پنهنجاعزيز ڪم ايندا. |
| **اُيوڪڙو** | اپ ڪڙو | مٺي تيل. |
| **اُتاهُون** | اتهون، اُتان | اُن جاءِ تان. |
| **اِتاهون** | اِتهون، اِتان | هِن جاءِ تان. |
| **اِتهين** | اِتي،اِت | اِها شَي، اتهين يا اتي رکي هجي. |
| **اتيئي** | اٿئي، ٿئي | تو وٽ آهي. ڪتاب اٿيئي؟ ڪتابُ اٿئي ڪتاب ٿئي . |
| **اٿئون** | ٿئون | اسان وٽ آهي. پيسا اٿئون، پيسا ٿئون. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اَلڙُ | ال | ناتجربيڪار. |
| اڻ موت | اموت | نہ موٽندڙ. اڻ موت يا اموت مرد مقصد پوري ڪرڻ کانسواءِ نہ موٽندا آهن. |
| اڻ ٻڻت | اڻ ٻڻ | دشمني. ڪنهن سان بہ اڻبڻت يا اڻ ٻڻ چڱي نہ آهي. |
| اڻ ورچ | اورچ | ٿڪ نہ ٿيندڙ. ڪم ڪي اڻ ورچ يا اورچ ٿي لڳجي. |
| اُٽاوت | اُٽت | اُٽڻ. ڪوري ڪپڙي جي اُٽاوت يا اُٽت ڪندا آهن. |
| اوتوال/ اوتار | اُوتي | اُتي وارو. |
| اوڏانهُون | اوڏهون، اوڏنهن | هُنَ طرف. |
| اونداهي | اونده | روشني جو ضد. بجلي بند ٿئي ٿي تہ اونداهي يا اونده ٿئي ٿي. |
| اوڏڙو | اوڏو | ويجهو. منهنجو ڳوٺ هالن جي اوڏڙو يا اوڏو آهي. |
| اوڏڙي | اوڏي | ويجهي. |
| اوراٽ | اورٽ | اوڪارا اچڻ. پيٽ ۾ تڪليف هئڻ سبب اوراٽ يا اورٽ پيا اچن. |
| اولار | اُلَرَ | ڏڪ ورائڻ. هُو خواه مخواه هُنَ تي اولار يا الر ڪري ويو. |
| اولارڻ | الارڻ | ڏڪ ورائڻ. |
| اورانهون/ اوريرو/اورتي | اوري | ويجهو. اورانهون يا اوريرو يا اورتي اچ تہ پاڪر پايون. |
| اوسو پاسو | آسپاس | چوطرف. |
| اوسيئڙو | اوسيڙو | انتظار. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **اولاڪو** | اُلڪو | ٻُڌتي، فڪر. |
| **اوهان** | اَهان | اوهان اتي آهيو؟ اهان اتي رهجو. |
| **اوهين** | آهين | اهين اِتي هججو. |
| **اوِئينُ** | اوئن | ٻوٿو. ڪلر تي ٿيندو آهي. پٿي گرم ڪري سوج تي ٻڌندا آهن. |
| **ايهڙو تيهڙو** | اهڙو تهڙو | ڪاوڙ يا گار جو لفظ. |
| **اهيو** | اِهو | اهو ماڻهو لاڙيچو پيو لڳي. |
| **اهيا** | اها | اها عورت وڏي داناء آهي. |
| **ائوٽرو** | ائٽرو، هُوٽرو | تڪڙو. همراه ڏاڍو ائٽرو يا هوٽرو اهي. |
| **ايڏاهون** | ايڏهون | انهيءَ طرف. |
| **ايڏانهن** | ايڏهن | انهيءَ طرف. |
| **اِيڏهن** | ايڏي | انهيءَ طرف. |
| **اُئون** | ۽اَئِن | احمد ائون محمّد ڀائر آهن، يا احمد ۽ محمد ڀائر آهن. |
| **ايڏڙو** | ايڏو | ڪنهن به شي جو مقدار. |
| **ايرائئون** | اَيرئون | ڪدو. |
| **ايسيتائين** | ايستائين، ايسين | انوقت تائين. ايستائين يا ايسين ترس، جيسين هو اَچي. |
| **ايڪائي** | اڪائي، اڪي | هيڪڙائي. |

Gul Hayat Institute

# ب

| | | |
|---|---|---|
| **بازار** | بازر، بزار | بازار اڄ بند آهي. بازر يا بزار سيائي ڪلندي. |
| **بانياڙ** | بانپ | وڏو شگاف. چور ڪاٽ هٽي ڀت کي بانياڙ يا بانپ ڪري ويا آهن. |
| **بانڌياڻي/ بنڌياڻي** | بانڌي/ بنڌي | قيدياڻي. عمر مارئي کي بانڌياڻي يا بانڌي بنايو هو. بانڌي ٻانهي جي معنيٰ ۾ به ڪم ايندي آهي. |
| **باهَڻُ** | ٻَهڻ | وڻ جو قسم. باهڻ يا ٻَهڻ مان ڪتون ٺهنديون آهن. |
| **باهَڻ** | ٻَهَڻ | ڪتي جي ڀونڪ. ڪتو ٻَهڻ لڳو. |
| **باهوڙ** | ٻهوڙ | ڪتي جي ڀونڪ، ڪتو ٻَهڻ لڳو. |
| **ٻَٽائي** | ٻَٽئي | ان ورهائڻ. |
| **بڇڙائي** | بڇائي | خرابي. بڇڙائي يا بڇائي ڪرڻ مرد جو ڪم نہ آهي! |
| **بگهيڙ/ ٻگهاڙ** | بگهڙ | درندو جانور |
| **بلائتو** | بلاتو | هٺيڪو. مسافر وڃي بلائتو يا بلاتو ٿيو. |
| **ٻُلڙو** | ٻُلو | ننڍو ٻار. |
| **بڻياد** | بڻ | پيڙهہ. ڀت جو بنياد پڪو رکجي. هُو سڻي بُڻ وارو ماڻهو آهي. |
| **بولاتي** | بلاتي | گز لڳڻ سان تتر بولاتي يا بلاتي ڪائي ڪريو. |
| **ٻيهہ** | ٻِهُ | ڍنڍ مان پيڻ مان نڪرندڙ ٻاڄي. ٻهن جي ٻاڄي سٺي ٿيندي آهي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **بيه** | ٻهُ | اتي بيه يا اتي ٻهُ. |
| **بيگار** | بيگر | مفت ۾ وَهڻ. بيڪار کان بيگار يا بيگر ڀلي آهي. |
| **بيهڻ/بيهي** | ٻهَڻُ/ٻهي | هڪ هنڌ بيهڻ يا ٻهڻ يا بيهي رهڻ ماڻهن کي شڪ وجهندو. |
| **بالڪل/بلڪل** | بلڪ | حرف جملو. |
| **بخشيئي** | بخشئي | معاف ڪَرَئي |
| **بُونءِ** | بوءِ | بانس |
| **بُڪارن** | بڪين | بڪارن يا بڪين کي ماني کارائڻ ثواب آهي. |

## ٻ

| | | |
|---|---|---|
| **ٻاٽي** | ٻٽي | ٢،٣ انگ |
| **ٻاٽيرو** | ٻٽيرو، ٻٽير | يعني پونٽريو. پکيءَ جو قِسم. |
| **ٻاجهري** | ٻاجهر | اَن جو قسم. |
| **ٻاروچو** | ٻروچو، ٻروچ، بلوچ | ٻروچ قوم جو. |
| **ٻاڪار/ ٻيڪار** | ٻاڪَر، ٻيڪ | ٻڪرين جي ٻاڪار يا ٻيڪ پئي پوي. |
| **ٻالڪ** | ٻال، ٻار | ننڍو ٻار. |
| **ٻاهر** | ٻَهَر | در کان ٻاهر يا ٻَهر بيهُ. |
| **ٻُتو** | ٻُتُ | ڏِين جو ٻُتُ. |
| **ٻتڙي** | ٻتي | ٻيٽي جوئر جو قسم جنهن ۾ هڪ ٿُهَ ۾ ٻه داڻا ٿين. |
| **ٻَتَرُ** | ٻَتُ | ننڍو پونگو، ڪُتي جو ٻتُ. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٻُچڪار | ٻچڪر، ٻچ ٻچ | ڏاند کي ٻچڪار يا ٻچڪر ڏيئي روڪ. |
| ٻُرڙِ ٻُرڙِ | ٻُر ٻُر | بدن تي آرائين ڪان ٻرڙ ٻرڙ يا ٻر ٻر تي پيئي آهي. |
| ٻرهاڙو | ٻرهڙو - ٻرڙو | ڍنڍ جي پکيءَ جو قسم. |
| ٻُگِهلو | ٻگهو، ٻگه | ڍنڍ جي پکيءَ جو قسم. |
| ٻوگهلو | ٻُگهه | سادو سودو، بيوقوف. |
| ٻنجو | ٻجو | ٻجو يا ٻنجو ڏيڻ معنيٰ ڪنهن ڳالهه کي روڪڻ. ٻيل گاڏي کي بہ ٻجو هڻبو آهي. |
| ٻنڌياڻ | ٻنڌاڻ | ڪنهن تي ڪا رقم مقرر ڪرڻ. ڪدڙن جو هر گهر تي ٻنڌاڻ آهي. |
| ٻوجهو | ٻوجهه، ٻوجو | بار. هرويرو مونتي ايترو ٻوجهو يا ٻوجو يا ٻوجهہ نہ وجهو. |
| ٻيهار | ٻيهر | ٻيو دفعو. |
| ٻاهران | ٻهران | ٻاهران تي اچان. قضا حاجت ڪرڻ وقت اهو لفظ ڪم آڻبو آهي. |
| ٻيجارو | ٻيجو. ٻج | ٻيجارو ٻيجو يا ٻجہ پوکبو تہ پوءِ فصل ڪبو. |
| ٻيئي | ٻئي | ٻہ |
| ٻُڏُئي | | تو ٻڏو. |

# ڀ

| | | |
|---|---|---|
| ڀاتَ | ڀَتَ | ڀَتَ فقير |
| ڀاڏَ | ڀَڏ | ڪڏ |
| ڀاڻيج | ڀاڄ | ڀيڻ جو پٽ. |
| ڀاڻيجي | ڀاڄ | ڀيڻ جائي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **پانيتن پانتين** | پانت پانت | قسمين قسمين. ڪراچي ۾ پانت پانت جا ماڻهو رهن ٿا. |
| **پائو** | پاءُ | برادر. |
| **پوڌ** | پُڌ | ڪراڙي زال. |
| **پرونڙي /پروني** | پَري | گاه جي پرونڙي گاه جي پري. |
| **پل پلوڙ/پليڙو** | پَلڙ پلو | تمام سنو. گل محمد پل پلوڙ يا پلڙ ماڻهو آهي. |
| **پلڪار** | پُلڪر | پُلَ چُڪ ڪندڙ. |
| **پٽڪات** | پٽڪو | جيت جو آواز |
| **پورڙو** | پورو | بيوقوف ماڻهو. |
| **پُونءِ** | پُون | زمين. |
| **پونيات** | پونيٺ | جيت جو آواز. |
| **پُونيوري** | پنيوري | جيت جو قسم |
| **پئونترو** | پونتو | ماحول. وايو منڊل. ملڪ جو پئونترو يا پئونتوئي ڦري ويو آهي. |
| **پَئو** | پَو،پَئُ | دپ. |
| **پيتا** | پيٺ | نذرانو. |
| **پيلاڙو** | پيل | پوک ۾ مال جي پيل. |
| **پَلي** | پَل | پلي نه اها ڳالهه ٿئي. پل نه اهو ڪم ٿئي. |

Gul Hayat Institute

# ت

| | | |
|---|---|---|
| **تاتي/ تتي** | تتي، تِت، تٽ، | اُن جاءِ تي. |
| **تِتهين/تتاهين** | تتي، تت | ان جاءِ تي. |
| **تاڏ** | تَڏَ | اجايو زور لائڻ. تاڏ نہ ڏي، ڏاند تڏ پيو ڏئي. |
| **تارازي** | ترازي، تُري | تارازي سان تور پوري ڏجي. ترازي جي ڪاڻِ ماري چڏ. تُري سان چڱي طرح تور. |
| **تاسيارو/ تاسياري** | تاسارو/ تاساري | اجارو. تاسياري يا تاساري جانور کي پاڻي جلد پيارجي. |
| **تاڪائو** | تاڪُو | تاڪائو ماڻهو ڪان پري رهجي. ڪنهن جو تاڪو نہ بنجي. |
| **تانسين** | تيسين | تانسين صبر ڪر، جيسن هُو اچي. تيسين تڪڙ نہ ڪر جيسين هو اچي. |
| **تانڪي** | تاڪي،تاڪ | تانڪي وٽن ويھ.... |
| **تانهري** | طهري، تهري | ڳُڙَ يا کنڊ ۾ رڌل پت. |
| **تائيت** | تائت | تائيت يا تائت نج چاندي جا هجن. |
| **تباخ** | تبخ، طبق | طباخ ۾ پت وجھ. تبخ کي صاف ڪر. |
| **تِتائون** | تتئون، تتان | تون اُنَ جاءِ تان. |
| **تڏهين** | تڏهن، تڏ | تنهن وقت. |
| **تِڏِي** | تِڏِ | تڏي پَنَ تڪي چڏيا، تِڏِ سلن کي ڪاڌو. |
| **تُڪلو** | تُڪو | نندو گز. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **تندرو** | تنور | بٺي. تنور ۾ ماني پچاءِ. |
| **تَنهين** | تنهن | اُنَ. |
| **تِنهين** | تنين | هنن. |
| **تَنين** | تن | هنن. |
| **توڙائون** | توڙئون، توڙان | منڍ کان وٺي. |
| **تيهڙو/تيهو** | تهڙو/تهو | اُن جهڙو. |
| **تئو** | تَو | ماني پچائڻ وارو تئو يا تَو. |
| **تيلاهين** | تيلهن، تيلاه | تڏهن. |
| **تيئَن/تئين** | تِئَن | ان وانگر. |
| **تيڏانهن** | تيڏهن، تاڏي | اُن ڏي. |

# ٿ

| | | |
|---|---|---|
| **ٿاريلو** | ٿريلو،ٿري | ٿَرَ جو ماڻهو. |
| **ٿاڦوڙا** | ٿڦوڙا | نندي پاڻي ۾ ٿاڦوڙا يا ٿڦوڙا نه هڻ. |
| **ٿام** | ٿم | جهنگ ۾ مرون ويهڻ جي جاءِ. |
| **ٿانيو** | ٿنيو | بيل گاڏي ۾ ٿانيو مضبوط هجي. |
| **ٿانَهرَ** | ٿاهر.ٿهر(ٿهر) | ٿورو ترسڻ. ٿانهر ٿاهر يا ٿَهر ڪَر. |
| **ٿُبو** | ٿب | ڏِين جو ٿبو يا ٿب پٽي اَچ. |
| **ٿڦڙ** | ٿڦ | هن کي ٿڦڙ هنيم. ٿڦ سان ڪري پيو. |
| **ٿانهِريو** | ٿِهريو، ٿهريو | هو ترسيو يا ٿهريو آهي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٽرڙو | ٽرو | ٽيڏو. |
| ٽُلَهڙ | ٽلهو | هو بدن ۾ ٽلهڙ آهي، ٽلهو تکو ڊُڪي نہ سگهندو. |
| ٽُنيو | ٽنپ | ٻت کي ٽنيو ڏيو. ٻهر جا ٽنپ چت کي ڏيو. |
| ٽَڪجي | ٽڪي | آئون پنڌ ڪري ٽڪجي يا ٽڪي پيو آهيان. |
| ٽڪاوٽ | ٽڪ | پنڌ ۾ ٽڪاوٽ يا ٽڪ ضرور ٿيندو. |
| ٽِيجان | ٽجان، ٽج | رات خيرپور ۾ ٽجان يا ٽج. |

# ٽ

| | | |
|---|---|---|
| ٽاپر | ٽپر | ننڍي عمر وارو ڇوڪر. |
| ٽاڏَ | ٽَڏَ | ڏاند ٽاڏ يا ٽَڏَ پئي ڏني. |
| ٽاڙه | ٽَڙه | رئڻ جو وڏو آواز. |
| ٽاڪورَ | ٽڪور | سوج تي گرم ٽاڪورءِ ٽڪور ڪجي. |
| ٽانڪو | ٽاڪو | ڦاٽل ڪپڙي کي ٽانڪو يا ٽاڪو ڏج. |
| ٽاٽو | ٽاڻ | مقرر ٽائيم. |
| ٽَٽونئڙو | ٽٽون | ننڍي قد وارو گهوڙو. |
| ٽيٽِهر | ٽٽيهر | پکي جو قسم جو رات جو ڪا شيءِ ڏسي تہ دانهون ڪندو. |
| ٽُڪو | ٽُڪ | ڪپڙي کي ٽڪو اچي ويو. قميص کي ٽُڪ ٽي پيو آهي. |
| ٽُڪرو | ٽُڪر | زمين جو ٽڪرو ورتو اٿم. ڪانيءَ ٽڪر ڪٽي اچ. |
| ٽڪيٽ | ٽڪٽ | ريل ۾ ٽڪيٽ يا ٽڪٽ ڪانسواءِ نہ چڙهجي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ٽئونر** | ٽونر | ٽوپي جو گُل. |
| **ٽيهار** | ٽيهر | ٽيون دفعو. |
| **ٽيئي** | ٽئي | ٽي ڄڻا. |

# ت

| | | |
|---|---|---|
| **تاتُ** | تت | سينگار ڪرڻ. |
| **تاپي** | تپَ | لوهر ڪهاڙي کي تاپي ڏني. لهر گهوبي کي تپ ڏني. تاپي ڏيڻ ڪنهن کي مار ڏيڻ بابت به اصطلاح ۾ ڪم ايندو آهي. |
| **تاپڻ** | تَپڻ | تَانوَ تاپڻ يا تپڻ. |
| **تاڪر** | تڪر | ذات جا تاڪرـ تڪر ٿيندا آهن. هندو بُتن کي به تڪر چوندا آهن. |
| **تونگڙو** | تونگو | پڪي ڇهنب سان تونگو هٽندو آهي. اصطلاحاً عورتون وارن کي سينڌ ڏيارڻ وقت تونگڙو لفظ ڪم آڻين. |
| **تونت** | توت | هُن جي توت ڏک اچڻ سبب نڪتي آهي. |

Gul Hayat Institute

# ث

×

| | | |
|---|---|---|
| پُٽي | پُٽ | جنگ ۾ پُٽي يا پٽ ڏيڻ مرد جو ڪم ناهي. |
| پچار | پچر | ڳالهه ٻولهه. سڄي ملڪ ۾ مارشل لا جي پچار يا پچر لڳي پئي آهي. |
| پچاٽو | پچا | پوليس چورن کان پچاٽو يا پچا ڪري رهي آهي. |
| پِرين | پر | پيارو دوست. |
| پلاند | پاند | اجرڪ جي پلاند ۾ رپيو ٻڌ چادر جو پاند پسي پيو آهي. |
| پالوٽ | پلٽ | مينهن جو پاڻي پالوٽ ڪري آيو ٻنيءَ ۾ پاڻيءَ جي پلٽ ٿي آهي. |
| پولار | پور | ٽالهي ۾ پولار ٿي پيو آهي. وڻ جي پور ۾ طوطا وهندا آهن. |
| پهريائين | پهِرين | پهريون دفعو. |
| پنوهار | پنوهر | هڪ ذات آهي. |
| پيراوادو | پيري | پيراوادو يا پيري چورن جا پير کڻندا آهن. |
| پاسيارو | پاسيرو | نہ نهيل. صفر مونکان پاسيارو يا پاسيرو آهي. |
| پيئي | پَئي | ١. وَسي ٢. ڪا شي ڪنهن ٿانو ۾ وِڌي ٣. پيچرو يا پَهُو. |

Gul Hayat Institute

# ق

| | | |
|---|---|---|
| قتڪار | قتڪر | جُتِ. قت. خراب ماڻهوءَ تي سيڪنهن جي قتڪار يا قتڪر پئي پوندي. |
| قوسرات | قسرات | نتائڻ. ڪم ڪرڻو اٿئي تہ قسرات نہ ڪر. |

| | | |
|---|---|---|
| **قُلاونتي** | قل ونتي | بارن واري رن زال. |
| **قلهيار** | قلهير | متي خاڪ، قلهيار يا قلهير ۾ قوڪون نہ ڏج. |
| **قندو** | قند | قاسي، يا رسو. خوني جي ڳچيءَ ۾ قندو يا قند نہ پوندو تہ ڇا پوندو. |
| **قوسڙي** | قوسي | نندڙو پکي. |

## ج

| | | |
|---|---|---|
| **جاءِ بجاءِ** | جابجا | هند هند. |
| **جيڏانهون** | جيڏهن، جاڏي | جنهن طرف. جاڏي نهاريان تہ سڄڻ آهي سامهون. |
| **جاڪوڙ** | جاڪڙ | محنت، ڳولا. |
| **جاڳهَ** | جَڳهه | مون نئين جاڳه يا جڳه جوڙائي آهي. |
| **جال** | جَلَ | گهٽا، چڙواڳ ڏڳا جال يا جَلَ پيا چرن. |
| **جوانمرد** | جامرد | ولڻ جامرد آهي. |
| **جانشِين** | جيسين | جنهن وقت تائين. |
| **جانچ** | جاچ | پوليس چورن جي جانچ (جاچ) ڪري رهي آهي. |
| **جاتي** | جتي، جتي جت | اج ڪله جاتي (جتي، جت) وچ اُتي لُڙ لڳو پيو آهي. |
| **جاتي ڪاتي** | جتي ڪتي | اج ڪله جاتي (جتي، جت) وچ اُتي لُڙ لڳو پيو آهي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **جڌال** | جڌو | بيڪار.بيماري جوانن کي بہ جڌال (جڌو) ڪيو ڇڏي. |
| **جڌهين** | جڌهن، جڌ | جنهن وقت. پير صاحب جڌهين (جڌهن، جڌ) ايندو تہ ان کان دعا وٺبي. |
| **جڌهانڪر / جڌهانڪون** | جڌاڪر، جڌهن جڌ | جنهن وقت کان. جڌهانڪر (جڌاڪر جڌهن، جڌ) پير اظهر وفات ڪئي آهي تہ مونکي بيقراري آهي. |
| **جڳٽ** | جڳت،جڳ | جڳت (جڳ) جو جوڙيندڙ الله آهي. |
| **جنجال** | جنجل | |
| **جوار** | جوئر، جُوَر | جوار (جوَر) جي پوک ڪتي ۾ ڪبي آهي. |
| **جِيان** | جان | وانگر. |
| **جيهو تيهو** | جهو تهو | معمولي. |
| **جيهڙو تيهڙو** | جهڙو تهڙو | معمولي. |
| **جيئي** | جئي | زنده رهي. سنڌ سدا جيئي (جئي). |
| **جنين** | جن | جَنين (جن) ماريو اٿم، جيارينداا بہ اهي. |

## ڄ

| | | |
|---|---|---|
| **ڄانگهڙيل** | ڄانگهو | ڏکهو. عالم چنو ڄانگهڙيل (ڄانگهو) آهي. |
| **ڄاڻپ** | ڄاڻ | خبروار. بيماري جي ڄاڻپ (ڄاڻ) وارو طبيب صحيح علاج ڪندو. |
| **ڄڻڪ / ڄڻ تہ** | ڄڻ | اڄ ڪلهہ صفر ڄڻڪ (ڄڻ) اسانجو تہ واقف ئي ڪونهي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **چَئور** | چور | جيت. لالچي ماڻهو چئور (چور) وانگر رت پيئندو آهي. |
| **چوانٽو** | چاٽو | نياڻي جو مڙس. ناٺي. |

# ڃ

×

# جھ

| | | |
|---|---|---|
| **جھنو** | جھنو | پُراڻو. ڪراڙو. ڦُلڻ هاٿي جھنو (جھنو) ٿي ويو آهي. |
| **جُھڙالو** | جُھڙُ | اڄ چوڌاري ڪڪر آهن ۽ جھڙالو (جھڙ) ٿي ويو آهي. |
| **جھنگراڙ ٻلو** | جھنگ ٻلو | جانور جو قسم. |
| **جھنگراڙ ٻلي** | جھنگ ٻلي | جانور جو قسم. |
| **جُھولٽو** | جُھولو | پينگھو. هالن جو جھولٽو (جھولو) قيمتي هوندو آهي. |
| **جُھومر** | جھمر | گھ ٻہ آهي ۽ ناچ جو قسم بہ. |
| **جھونگار** | جھونگر | راڳ جو ٽورو ٽورو آواز. |

Gul Hayat Institute

# چ

| | | |
|---|---|---|
| چاپَ | چَپَ | مَهَٽ اچڻ. هنکي ڏاڍي چاپ (چپ) اچي ويئي آهي. |
| چاتَ | ڇَٽَ | فريب ڏيڻ. ڏئي چات (ڇَٽَ) چرئي کي ڪٺائينس ڪاٺ ڪلهي تي. |
| چائنٽ | چائنٽ | خُدا ڪري تہ رسول ﷺ جي چائنٽ (چائنٽ) چمان. |
| چُرچَ | چُرَ | ڪنهن کي چورڻ. سَسُ جي چُرچ (چورا) ننهن کي نيٺ نقصان ڏيندي. |
| چُرياڻ/ چرياٽ | چريو | هو تہ ڪو (چرياٽ) چرياڻ يا چريو آهي . |
| چُڪڙو | چُڪو | پاڻي چڪڙو (چڪو) ڪٽي اچ. |
| چِڪڻ | چڪ | گپ. چڪڻ (چڪ) مان سنيالي هل. |
| چندرما / چندر | چنڊ | هندو ماڻهو چنڊ کي چندرما يا چندر چوندا آهن. |
| چُنڊال | چنڊو | نياڳو. هو تہ ڪو چنڊال (چنڊو) آهي. |
| چوٿائي | چوٿو | چوٿون حصو ١/٤. |
| چوڏاري | چوڏار | چئني طرفين. اج ڪله چوڏاري (چوڏار) لڙ لڳو پيو آهي. |
| چونڪو | چونڪ (چارا) | چونڪو (چونڪ) راتين جو قلندر سائين جي درگاه تي رهيس. |
| چيچاٽ | چيچٽ | آواز. چوڏول جو چيچاٽ (چيچٽ) پيو پوي. |
| چيڪاٽ | چيڪٽ | آواز. چوڏول جو چيچاٽ (چيچٽ) پيو پوي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ڇيلهو** | ڇِيلو | واه جو نالو. |
| **ڇئي** | ڇي | هو ڇئي (ڇي) ٿو تہ بازار بند آهي. |

# ڇ

| | | |
|---|---|---|
| **ڇَهَ** | ڇ | ٦ عدد. |
| **ڇاڪاڻِ** | ڇاڪان | ڇالاءِ. تون مونکي ڇاڪاڻ (ڇاڪان) ٿو تنگ ڪرين. |
| **ڇاپاڪو** | ڇپاڪو | هڪ ميرانجهو پکي. ڇاپاڪو (ڇپاڪو) اڏري ٿو. |
| **ڇانيِ** | ڇِنيِ | سنهي ڪاٺي. ڇانيِ (ڇنيِ) سان ڏاندن کي هڪل. |
| **ڇاهَرَ** | ڇَهَر | مڪر ڪرڻ. چور پوليس اڳيان اهڙي تہ ڇاهر (ڇهر) هنئي جو ڪيس ڇڏيو هليا ويا. |
| **ڇُوٽي** | ڇُٽي | موڪل. آئون اسڪول کان ڇوٽي ڪري آيو آهيان. |
| **ڇَڇَر** | ڇڇ | ٻاڻيءَ سان ھيٺاھيون ٻرجي ڇڇر (ڇڇ) ٿي ويون آهن. |
| **ڇُڇڪار** | ڇُڇڪَر | ڪُتي کي ڇڇڪار (ڇڇڪر) ڏي تہ مرون ٿي وڃي. |
| **ڇَهَند/ڇَهل** | ڇند/ڇل | مڪر ڪرڻ. هن اهڙو ڇَهند (ڇل) ڪيو جو اسان حيران ٿي وياسين. |
| **ڇوڪرو** | ڇوڪَرُ | ٻنڌرهن سالن کان گهٽ عمر وارو. |
| **ڇوڪري** | ڇوڪَر | ٻنڌرهن سالن کان گهٽ عمر واري. |

Gul Hayat Institute

## ح

| | | |
|---|---|---|
| **حُجَت** | حُجَ | پروسو. منهنجي تو ۾ حجت (حُجَ) آهي، تڏهن اهو ڪم ڪيو اٿم. |
| **حجام** | حجم | حجام [حجم] سيرب، سنوارت ڻاهي ويو. |
| **حَمالي** | حمال | اسٽيشن تي حمالي (حمال) سامان کڻندا آهن. |

## خ

| | | |
|---|---|---|
| **خاموشي** | خموشي | چُپ. استاد جو ليڪچر خاموشي (خموشي) سان ٻڌجي. |
| **خورشيد** | خور | سج. |
| **خورم** | خرّم | خوش. گلڻ هاٽي خوش خورم (خرّم) آهي. |
| **خروار** | خرار | سٺ ڪاسا. يڪمشت نمونہ خروار (خرار). |

Gul Hayat Institute

## د

| | | |
|---|---|---|
| **داب** | دب | زور ڏيڻ. ڏنگي ڪاتي کي داب (دب) ڏيڻ سان سنئون ڪبو آهي. |
| **داٻلو** | دٻلو | هي داٻلو (دٻلو) ٿين مان ٺهيل آهي. |
| **دٻڙدُلي / دوٻڙ** | دوٻ | ٿلهي عورت. |

| | | |
|---|---|---|
| **دوڏڙ** | ددڙ | مٿي. اڄ تہ دوڏڙ (ددڙ) جو طوفان گهلي پيو آهي. |
| **دڏڪار** | دڏڪر | درياءَ جي دڏڪار (دڏڪر) پئي پوي. |
| **دوراهو** | دراهو | ٻہ واٽون. هي دوراهو (دراهو) سڌو ڪڪڙ ڳوٺ تي ويندو. دراهو لوڪ ادب جي هڪ صنف بہ آهي. |
| **ڊُهري** | ڊُري | ست سري دهري (ڊُري) اڄ ڪلهہ گهٽ ملهہ ڪائيندي. |
| **دڪان** | دڪڻ | ٻڪڻ جي دڪان (دڪڻ) تي ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا آهن. |
| **دليئون** | دِليون | دل وٽان. هيءَ ڳالهہ تہ منهنجي دليئون (دليون) ڪئي اٿئي. |
| **دونالي** | دنالي | هيءَ بندوق دونالي (دنالي) آهي. |
| **دوستاڻو** | دوساڻو | دوستاڻو (دوساڻو) پيار سچاڻبو. |
| **دونهات** | دونهٽ ، دونهون | ڪٿي باهہ لڳي آهي، جو هيترو دونهات (دونهٽ، دونهون) پيو ڏسجي. |
| **دوهيرو ,ڏوهيڙو** | دوهو | بيت. شاعري جي هڪ صنف. |
| **دوئي** | دئي | ٻيائي. دل مان دوئي (دئي) ڪڍ تہ ربّ مليئي. |
| **ديهہ** | دِهہ | ديهہ پسيا ۾ نوَ سَو نمبر آهن. |

# ڏ

| | | |
|---|---|---|
| **ڏاتورو** | ڏتورو | زهريلو ٻوٽو. هُنَ ڏاتورو (ڏتورو) پيتو آهي. |
| **ڏارئون ڏار** | ڏارڏار | جُدا جدا. هي فقير ڏارئون ڏار (ڏار ڏار) آهن. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڊانڊلي | ڊانڊل | بي قاعدگي. چونڊن ۾ هنن ڊانڊلي (ڊانڊل) ڪئي آهي. |
| ڊَمٽي ، ڊَنوٽي | ڊمڻ | لُهَر ڊمٽي (ڊمڻ) سان لوه کي گرم ڪرڻ لاءِ هوا ڦوڪيندا آهن. |
| ڊونئرو | ڊَونرو | ڪير ۾ سباڻ وجهي ڊونئرو (ڊئنرو) ناهبو آهي. |
| ڊوئڻ | ڊُوَڻ | ڪتي ڊوئڻ (ڊُوَڻ) جو ڪم ڪندا آهن. |

## ڏ

| | | |
|---|---|---|
| ڏاتار | ڏاتر | ڏيندڙ. الله تعالىٰ ڏاتار (ڏاتر) آهي. |
| ڏانتو | ڏاتو | ڏاتو ڪٽي گاه ڪَپ. |
| ڏاديان | ڏادي | ڏاديان (ڏادي) نه ڳالهائجي. |
| ڏاگهڙ | ڏگهه | ٻگهو. هو هاٿي ڏاگهڙ (ڏگهه) پيو لڳي. |
| ڏٺو وائٺو | ڏٺ وائٺو | ظاهر ظهور ـ جيڪي اکين سان ڏٺو هجي. |
| ڏڪار | ڏڪر | مينهن نه پوندو ته ملڪ ۾ ڏڪار (ڏڪر) پوندو. |
| ڏن پَرو | ڏاني | اسان پيرن جا ڏن پرو (ڏاني) آهيون. |
| ڏنجهو | ڏجهو، ڏجه | عذاب. ڏاڙيلن ملڪ ۾ ڏنجهو (ڏجهو ڏجه) ٻاري ڏنو آهي. |
| ڏندرو | ڏَندُو | ڏندرو (ڏندو) ماڻهو چڻ سدائين پيو کلي. |
| ڏورانهِين | ڏوري | تمام پري. صفر ڏورانهين (ڏوري) جاءِ تي وڃي رهيو آهي. |
| ڏولچي | ڏولي | اڳي عورتون ڏولچي (ڏولي) ۾ چڙهنديون هيون. |
| ڏوهاري | ڏوهي | ڏوهاري (ڏوهي) ماڻهو پري کان پڌرو. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڏوهٽو | ڏهٽو | ڌي جو اولاد. |
| ڏوهٽي | ڏهٽي | ڌي جو اولاد. |
| ڏوهٽاڻ | ڏهٽاڻ | ڌي جو اولاد. |
| ڏيج | ڏج، ڏي | هي قلم مونکي ڏيج (ڏج، ڏي). |
| ڏاهر | ڏهر | سروري جماعت وارا منٺار فقير جا ڏاهر (ڏهر) چوندا اهن. |
| ڏيئي | ڏَئي | هي ڪتاب هن کي ڏيئي (ڏئي) اچ. |
| ڏئي | ڏي | هن کي چَو ته مونکي منهنجو ڪتاب ڏئي (ڏي). |

## ٻ

| | | |
|---|---|---|
| ٻڪاڻ | ٻڪڻ | وادو. |
| ٻگهائي | ٻيگھ | هن پٽ جي ٻگهائي (ٻيگھ) چاليھ فوٽ آهي. |
| ٻونبڙو | ٻُونبو | چيلھ ۾ سور اٿس، سو ٻونبڙو (ٻونبو) ٿي ٿو هلي. |
| ٻيڇڙو | ٻيڇو | ٻپ. ڇوڪر کي ٻيڇڙو (ٻيڇو) ٿي پيو آهي. |
| ٻيهڙو | ٻيهو | قطار ڪري پنيان پوڻ. پاڳين چور جي پنيان ٻيهڙو (ٻيهو) ڪٺي ڪيو. |
| ٻڊو | ٻَڊُ | موڳو. هي ڇوڪر کو ٻڊو (ٻڊ) آهي. ٻڊو وري گهوڙي کي به چون. |

Gul Hayat Institute

## ڏ

| | | |
|---|---|---|
| **ڏاڪئون** | ڏاڪون | مهمانن ڏانهن ٻوڙ جو ڏاڪئون (ڏاڪون) ڀري وجو. |
| **ڏولڻ ڏوليو** | ڏول | سنو دوست. ڏولڻ (ڏوليو ، ڏول) منهنجو ڏڪڻ ٽيندو. |
| **ڏونگل** | ڏونگ | طعنو. ڏونگل (ڏونگ) نه هڻ. |
| **ڏرڙو** | ڏرو | هو پنڌ جو تمام ڏرڙو (ڏرو) آهي. |

## ذ

| | | |
|---|---|---|
| **ذرڙو ذرڙي** | ذرو۔ ذري | ٿورو ڀاڱو. ذرڙو (ذرو) ڏڳ ٿيو پوي. |

## ر

| | | |
|---|---|---|
| **راتيان ڏينهان** | رات، ڏينهن | لڳاتار. مونکي يار جي تار راتيان ڏينهان (رات ڏينهن) لڳي پئي آهي. |
| **راڌائو** | راڌو | بورچي. هُو سُنو راڌائو (راڌو) آهي. |
| **راڙ** | رڙ | دانهن ڪرڻ. هُن جي راڙ (رڙ) پئي ٿي پئي. |
| **راڪاس** | راڪس | ملڪ ۾ جڻ راڪاس (راڪس) گهمي ويو آهي. |
| **راڳائي/ راڳيندڙ** | راڳي | سليمان شاه سنو راڳي (راڳيندڙ) آهي. |
| **رانيات** | رانيت | وڏي رڙ. استاد هن کي ماريو سو وٺي رانيات (رانيت) ڪيائين. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| رانجهن | رانجهو | هير جو عاشق. |
| رانول | راول،راءِ | ننيو راجا. رانول (راول، راءِ) رهي نہ رات. |
| رتوچاڻ | رت چاڻ | خُونريزي. چورپاڙ ۾ وڙهي پيا ۽ ڏاڍي رتو چاڻ (رت چاڻ) ڪيائون. |
| رنڌڻو | رڌڻو | رڌ پچاءَ جي جاءِ رنڌڻو (رڌڻو) صفا رکجي. |
| رکوال | راکو | ٻچن جو رکوال (راکو) الله آهي. (دعا). |
| رنبروڪ | رنبڪ | درگاهہ تي اچڻ ۾ ڪنهن کي بہ رنب روڪ (رنبڪ) نہ آهي. |
| روشنائي | روشني | سوجهرو. بجلي جي روشنائي (روشني) ڀرارين ۾ بہ پهچي وئي آهي. |
| روڪڙ | روڪ | ناڻو. |
| رولُو/رولاڪ | رول | هو هاڻي رولو رولاڪ (رول) ٿي پيو آهي. |
| روئڻ | رئڻ | غم يا خوشيءَ ۾ اکين مان پاڻي وهڻ. |
| ريدار | ريڊر | ريڻ وارو. |
| رينگات | رينگٽ | نار وهڻ جو آواز. |

Gul Hayat Institute

# ڙ

×

# ز

| | | |
|---|---|---|
| **زالاٺا** | زنانا | زالن جا. هي گهرَ زالاٺا (زنانا) آهن. |
| **زبردست** | زبرو | شير ميربحر زبردست (زبرو) مَلھ هو. |
| **زورين/مَسين** | زورمس | زور سان. زورين مسين (زور مس) جي ميندي نہ لڳندي. |
| **زيان خور** | زياني | زيان خور (زياني) ڪتي کي مارڻ گهرجي. |

# س

| | | |
|---|---|---|
| **ساٿاري/ ساٿوڙي** | ساٿي | ساٿ ڏيندڙ. ڪربلا ۾ امامؑ صاحب سان ٧٢ ساٿاري (ساٿوڙي) ساٿي هُئا. |
| **ساڄن** | سڄن، سڄڻ | پيارو دوست. منهنجو ساڄن (سڄڻ سڄن) تمام سهڻو آهي. |
| **ساڄاه** | ساڄَھ | سڃاڻپ ادب. ننڍن کي وڏن جي ساڄھ رکڻ گهرجي. |
| **ساڌو** | ساڌ | فقيرتن. شاهُو ساڌو (ساڌ) ماڻهو آهي. |
| **ساراه** | ساره | سچي سائينءَ جي ساراه (ساره) سدائين ڪجي. |
| **ساڍو** | ساڍ- | اڌُ ٢/١. |
| **ساڳوٽو/ ساڳيو** | ساڳو | هي اُهو ساڳوٽو (ساڳيو، ساڳو) ماڻهو آهي |
| **ساڳوٽي/ساڳي** | ساڳي | جو ڪالھ حيدرآباد ۾ ڏٺو هوم. |
| **سموند** | سمنڊ | بحر. |
| **ساموندي** | سموندي | جن جو ڪم سموند سان هجي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ساڻ | سان | ڳڏ. |
| سانڌاٽو | سنڌ | ڪٺاڻ. آچار. |
| سياٽي | سيان | ايندڙ ڏينهن. |
| ستارو | تارو | منهنجو محبوب ستارن [تارن] ۾ چنڊ وانگر آهي. |
| سرهاڻ | سرهڻ | خوشبو. |
| سُڪار | سُڪر | هن سال ته ۾ به سڪار (سڪر) آهي. |
| سانداڻ | سنداڻ | جنهن تي لهر لوه ڪٽيندا آهن. |
| سنياسي | سناسي | فقيرن جو قسم. |
| سومار | سومر | نالو. |
| سُمَهَڻ | سُمَهڻ | سمهي پوڻ. |
| سوڪڙ | سوڪ | جوئر ڪي مهل تي پاڻي نه مليو سو سوڪڙ (سوڪ) تي ويئي. |
| سورج | سج | زمين جو هڪڙو سورج [سج] آهي. |
| سونٽو | سوٽو | ڪاٺ جو ڏنڊو. |
| سونٽي | سونٽي | ڪاٺ جي ڏنڊي. |
| سَوَڻ | سَوڻ | ساٿ ڪرڻ. |
| سهاڳ | سهڳ | سک |
| سيٺيو | سيٺ | شاهوڪار. |
| سيندور | سندر | ڳاڙهو وکر جنهن سان عورتون سِينڊ رنگينديون آهن. |
| سيسار | سيسر | دريائي درندو جانور. |
| سينهوڙو | سينهون | عورتون مٿي تي رکي ان تي دلا رکنديون آهن. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **سيٺاھ** | سيٺھ | چمڙي جي ڳوٿري جنھن کي ھوا سان ڀري دريا تري پار پھچبو آھي. |
| **سيھڙ** | سِھڙ | خرگوش. |
| **سيئي** | سي | اُھي. |

## ش

| | | |
|---|---|---|
| **شاباس/شادباس** | شابس، شابي | آفرين جا لفظ. |
| **شال** | شَل | حرف نِدا. |
| **شالور** | شال | ريشمي رئو. |
| **شاھ** | شه | بادشاھ. |
| **شگون** | شُگن، سگن | سَوڻ |
| **شاھڪار** | شھڪار | بادشاھي ڪم. سٺو ڪم. |

## ص ض

Gul Hayat Institute

## ط

| | | |
|---|---|---|
| **طبابت** | طب | طبابت (طب) ڪرڻ سُنتي ڳالھ آھي. |
| **طباخ** | طبخ/طبق | ٽڪر جي طباخ (طبق) ۾ ڀت جھٽ ٽريو پوي. |
| **طوھر** | طھر | ختنو. |
| **طشتري** | تسري | تسري ۾ گيھ ماکي وجھي ماني کاءُ. |

# ظ

| | | |
|---|---|---|
| ظولمي | ظالم | ظولمي يا ظالم ماڻهو خدا کي ناپسند آهي. |
| ظهورو | ظهور | پڌرائي. امام مهدي جو ظهورو (ظهور) جڏهن ٿئي. |

# ع

×

# غ

| | | |
|---|---|---|
| غوراب | غراب | جهاز. |
| غليلو | غليل | مٽي جو ڳوڙهو. |
| غيرتمند | غيرتي | غيرت وارو. |

Gul Hayat Institute

# ف ق

× ×

# ڪ

| | | |
|---|---|---|
| ڪاتڙ | ڪَتڙ | ڪپڙ. |
| ڪاتَ | ڪَت | ڪجهه ڪاتڙ. |

| | | |
|---|---|---|
| **ڪاڇيلو** | ڪاڇي | ڪاڇي جي ملڪ جو. |
| **ڪاله** | ڪله | ظرف. |
| **ڪانگل/ڪانگو** | ڪانگ، ڪانءُ | ڪارو مشهور پکي. |
| **ڪاڻِ** | ڪان. | لاءِهُن ڪاڻ (ڪان) ڪپڙو آندم. |
| **ڪتاهون / ڪاتهون** | ڪِتان | هي سامان ڪِتاهون، ڪاتهون (ڪتان) خريد ڪيو اٿوَ. |
| **ڪاتي** | ڪِتي، ڪت | اڄ ڪله هو الاجي ڪاتي (ڪتي، ڪت) تو رهي. |
| **ڪُپڙو** | ڪُپو | پاڻيءَ سان ڪُپڙو (ڪپو) ڀري اچ. |
| **ڪڏهين** | ڪڏهن، ڪڏ | ڪهڙي وقت. |
| **ڪليئي** | ڪُلئي، ڪُلي، ڪُل | سيئي. |
| **ڪِڪڙو** | ڪِڪو | ننڍو ٻار. |
| **ڪَڪِڙو** | ڪَڪو | ڏاند رنگ جو ڪَڪَڙو (ڪڪو) آهي. |
| **ڪَڪوه** | ڪَڪَهُ | مند، شراب. |
| **ڪَوڙا** | ڪڙا | هي مرچ ڏاڍا ڪَوڙا (ڪڙا) آهن. |
| **ڪَوڙي** | ڪڙي | ڪڙي دوا. |
| **ڪَمتي** | ڪمي | گهٽتائي. اڄ ڪله پاڻي جي ڪمتي (ڪمي) آهي. |
| **ڪامي** | ڪَمي | مزور هنوقت ڪامي (ڪمي) ڪن ٿا. |
| **ڪماند** | ڪمند | پوک. |
| **ڪنيار** | ڪنير | متي جا ٿانو ٺاهيندڙ. |
| **ڪوڏار** | ڪوڏر | هاري ڪوڏار (ڪوڏر) سان ڪاٽي ڪٽي تو. |
| **ڪُوڪار** | ڪوڪر، ڪُوڪ | هُن جي ڪوڪار (ڪُوڪر، ڪوڪ) پئي ٿي پوي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪُوئو | ڪُئو، چوھو | جانور. ڪوئو (ڪئو) ڪتاب ڪتري ويو. |
| ڪوھَرَ | ڪُھَر | مڙن جا ڪوھر (ڪھر) سوادي ٿيندا آھن. |
| ڪيڏانھون | ڪيڏھن، ڪيڏي، ڪاڏي | ادا تون ڪيڏانھون (ڪيڏھن ڪيڏي، ڪاڏي) ٿو وڃين. |
| ڪيڪرات | ڪيڪٽ | گدڙ جا ڪيڪرات (ڪيڪٽ) پيا پَون. |
| ڪِيئون | ڪِيون | وڻن کي ڪيئون (ڪيون) نقصان پھچائيندو آھي. |
| ڪيئي | ڪئي | گھڻا. |

## ک

| | | |
|---|---|---|
| کاتائُو | کاتو | کتندڙ. کاتائو (کاتو) پُٽ وٽندو آھي. |
| کاڏڙي | کاڏي | ھن کي کاڏڙي (کاڏي) تي ٻڌي وار مس ڇاوا آھن. |
| کاسارو | کسارو، خسارو | نقصان. |
| کاٻو | کٻو | کٻو پاسو. |
| کستوري | کٿوري | خوشبو. کٿوري خون ڪٿھن لڪي ڪينڪي. |
| کوکلو | کوکو | اندران خالي. شير مڙس ھو بيماري کوکلو (کوکو) ڪري ڇڏيو اٿس. |
| کوھي | کُھي | جنھن مان پاڻي نڪري/ڪيجي. |
| کوھَرُ | کوه | ٿر ۾ کوه کي کوھر چَون. |
| کينڪار | کيڪر | ٻلي ڪار. |
| کينھوڙو | کينھون | ٻال. |
| کِيون | کيو | خُوش. ھو رُيون کيون آھي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ڪائڻ** | ڪِيَڻ | |
| **ڪاوان / ڪايان / ڪائيان** | ڪِيان، ڪان | آئون ماني ڪاوان ٿو. ڪيان، ڪان ٿو. |
| **ڪيوڻ** | ڪِوَڻُ، ڪِيَڻُ | ڪاڏو مهل تي ڪيوڻ (ڪيڻ) گهرجي. |

# گ

| | | |
|---|---|---|
| **گابار** | گابر | گنجو گابار (گابر) گابا چاريندي اڳتي هلي وڏو ماڻهو ٿيو. |
| **گادي** | **گَدي** | مسند. ڪنهن بزرگ يا سجاده نشين جي ويهڻ جي جاءِ. |
| **گاڏاهي** | گاڏِهي | گاڏهي ذات جا فقير به آهن، ته امير به آهن. |
| **گاڏِيرُ** | گاڏِر | گاڏي وارو. |
| **گجوراڙ / گجگوڙ / گجڪار** | گوڙ، گرج | آسمان ۾ ڪڪرن ۽ وڄ سبب گجوراڙ (گوڙ، گرج) ٿيندي آهي. |
| **گيدڙ** | گدڙ | شغال، جانور. |
| **گادَڙ** | گڏو | گڏيل نسل وارو. |
| **گراهِڪ** | گاهَڪ، گراڪ | خريدار. سيڪو دڪاندار پنهنجو گراهڪ (گاهڪ گراڪ) سڃاڻي. |
| **گرانٺ** | گراٺ | چيچ جي ڊيگھ جي ماپ. |
| **گراه** | گره | لقمو. |
| **گرپ** | گِپ | ٻج. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **گونجار** | گنجار، گونج | آواز. |
| **گونگو** | گُنگو، گنگُ | ڳالهائي نہ سگهندڙ. |
| **گونگو ٻوڙو** | گُنگ ٻوڙ | سومر ڪچهري ۾ گنگ، ٻوڙ ٿيو وينو هوندو آهي. |
| **گودَڙُ** | گُندُ | گاه جو رکيل زمين جو ٽڪرو. |
| **گوڏِيَرُ** | گوڏِر | گوڏ ٻڌندڙ. اچ ڪلھ گوڏير (گوڏر) بہ فئشن تا ڪن. |
| **گوراڙو** | گراڙو | ٻج جي هٽي. گوراڙو (گراڙو) ڪٽي رونبو ڪَر. |
| **گونرو** | گورو | اُٺ جو ننڍو ٻچو. |
| **گيسر** | گِسَر | سُستي، گيسر (گسر) ڪرڻ نہ گهرجي. |
| **گِيھُ** | گِھُ | مکڻ رجائي گھ ناهبو آهي. |

# ڳ

| | | |
|---|---|---|
| **ڳالِهير** | ڳالهر | ڳالهيون ڪٽندڙ. |
| **ڳالهاءُ** | ڳالهئہ | ٻن ڌرين پاڻ ۾ ڳالهاءُ (ڳالهئہ) ڪري وڌو آهي. |
| **ڳاٽيتو** | ڳٽڻ | ٻڪرين جو ڳاٽيتو يعني ڳٽڻ ڪيوسين تہ ڏڻ مان ڪجھ ڪٽيون آهن. |
| **ڳِتڪَار** | ڳتڪر | ڏاند کي ڳتڪار (ڳتڪر) ڏج تہ ٻيهي. |
| **ڳِرهاٽي/ڳراٽڙي** | ڳراٽي | ڳچي ۾ ٻاڪر وجهڻ. هُن کي ڳرهاٽي (ڳراٽي) پائي پرچائي ڇڏ. |
| **ڳِهيلو** | ڳهلو | يار تون تہ ڪو ڏاڍو ڳهيلو (ڳهلو) آهين. |
| **ڳِيهَڻ** | ڳِهڻ | ڳره ڳهڻ. |

Gul Hayat Institute

# ڳ

×

# گھ

**گھاتَڪ** گھاتُو گھاءِ ڪندڙ، مارِيندڙ.

**گھاٽُ** گَھٽُ ١. لنگھه ٢. ڪَڙھ ٣. جتي ڪِٽِي ڪپڙا ڌوئن.

**گھمسان** گمسان گوڙُ. گھمسان (گمسان) متل آهي.

**گھنبڙي** گھنبڙي جست، ٽامي يا ڪُٽِ وغيره مان ٺهيل ننڍڙي چڙي جيڪا مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌبي آهي.

**گھوگھاٽ** گھوگھٽ هڪ قسم جو آواز. گھوٻاٽو گھوگھاٽ (گھوگھٽ) ڪندو هليو ويو.

**گھيتلو** گيتلو ديسي جوتو.

**گھيرٽ** گيرٽ ننڍڙيڪر، گھ جو آڪر.

Gul Hayat Institute

# ل

**لاڙائي/لاڙيچو/** لاڙي معلوم ٿو ٿئي تہ هي ماڻهو لاڙائي (لاڙيچو)
**لاڙجو** لاڙي آهي.

**لاسريات** لاسرات، لسوٽ، لسو جنهن کي ڏاڙهي اجا پوري نہ آئي هجي.

| | | |
|---|---|---|
| لانگوٽو | لنگوٽو، لنگوٽ | ڪپڙي جو ٽڪر، جنهن سان اوگهڙ ڍڪجي انکي لانگوٽو (لنگوٽو يا لنگوٽ) چئبو آهي. |
| لاه پاه | لهہ پهہ | هڪٻئي کي وهنوار ڏيئي ليکو چڪتو ڪرڻ. |
| لانگهو | لنگهہ | ڪنهن خاص هنڌ کان لنگهڻ جي جاءِ انکي لانگهو يا لنگهہ چئبو. |
| لاءِ / لئي | لئہ،لَءِ | هُن لاءِ (لئہ ـ لي). |
| لُونگي | لنگي | ننڍي جي لونگي (لنگي) خريد ڪئي اٿم. |
| لوهار | لهار، لهر | لوه جو ڪم ڪندڙ. |
| ليئو | ليو | جهاتي. ليئو (ليو) تہ پائي وڃو. |
| ليئي | لَئي | اٽي مان ليئي (لَئي) ناهبي آهي جا ڪاغذن چنبڙائڻ جي ڪم ايندي آهي. |

## م

| | | |
|---|---|---|
| ماڳِهين | ماڳهن | منڍ کان. |
| معاملو | مامرو | ڪو مسئلو. |
| مانڊاٽي | منڊي | مانڊاٽي (منڊي) سان کير ولوڙبو آهي. |
| ماه | مہ | چنڊ |
| ماه جبين | مہ جبين | جنهن جي پيشاني چنڊ جهڙي هجي. |
| ماه تاب | مهتاب | چنڊ جهڙو روشن. |
| ماه رو | مهرو | جنهن جو منهن چنڊ جهڙو هجي. |
| ماه رخ | مہ رخ | جنهن جو منهن چنڊ جهڙو هجي. |
| ماه پارو | مہ پاره | چنڊ جو ٽڪرو. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ماه وش** | مهوُش | چنڊ جهڙو. |
| **ماهيانو** | ماهانہ | مهيني جو. |
| **مهينو** | مهنو | ٽيهہ ڏينهن، چار هفتا. |
| **ماهيو** | ماهو | مينهن جو. |
| **مُچو** | مُچ | گاهہ جو مُچو ڪٽي اچ. |
| **منڌ** | مَڌُ | شراب. |
| **مڙيئي/مڙيائي مڙيوئي** | مِڙئي | سڀئي. |
| **مزدور** | مزور | پورهيت. |
| **مڪيہ/مُڪي** | مُڪ | شهر جو مڪيہ (مڪي، مُڪ) ماڻهو ضامن پوندو آهي. |
| **ميرانجهڙو** | ميرانجهو | ميري رنگ وارو. |
| **ميڙائو** | ميڙو، ميلو، ميل | ميلاپ. |
| **ميڙاڪو** | ميڙو، ميڙ | ماڻهن جو ميڙاڪو يا ميڙو(ميڙ) لڳو پيو آهي. |
| **ميهار** | ميهر | مينهن وارو. |
| **مهينا** | مهنا | مهيني جو جمع |
| **مهينن** | مهنن | مهيني جو جمع. |
| **مورڳو** | مُرڳو، رڳو | سڌ ڪيومانس مگر هو تہ مورڳو (مرڳو، رڳو) ٻاهر بہ نہ نڪتو. |
| **مُوراهين** | موران، مور | اصلي نہ. مونکان اِهو ڪم مُوراهين (موران) مور نہ ٿيندو. |
| **مڃيان** | مڃان | تسليم ڪيان، قبول ڪيان. |
| **مُونا** | منا | گوڏا. |
| **مُهَاڙ** | مهڙ | مُنهن. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مُهاڳ | مُهڳ | اڳُ ـ شروع. |
| مڪائي | مَڪئي | اَن جو قسم. |

## ن

| | | |
|---|---|---|
| ناڪار | نهڪر | انڪار ڪرڻ. صفر، ڪم ڪان بلڪل ناڪار (نهڪر) ڪئي. |
| نانءُ | نامر، نان، نالو. | ڪنهنجو نانءُ (نامر، نان) نہ وٺجي تہ چو ڪو ڳالهائي. |
| ناٽُ | نٽ | نازنخرو. ناچو ڏاڏا ناٽ (نٽ) پيو ڪري. |
| نروتو | نر | مذڪر. |
| نراه | نره | چَٽُ، بيڪار. |
| نزديڪ | نزد | ويجهو. حبيب بئنڪ جي نزديڪ (نزد) ڊاڪٽر رهي ٿو. |
| نِڪِرو | نِڪو | نندو ٻار. |
| نُونار | نونر | ان جا نونار (نونر) لڳا پيا آهن. |
| نذرانو | نذر | مرشد اڳيان عقيدت سان نذرانو (نذر) رکجي. |
| نينگرو | نينگر | شادي ٿيڻ کان اڳ ويهن سالن جي عمر وارو. |
| نينگري | ننگري | شادي ٿيڻ کان اڳ ويهن سالن جي عمر واري. |
| نيئَر | نِيَرُ | لوھ جو نيل. |
| ناهِيين | ناهين | تون نہ آهين. |
| ناهين | ناه | هو ڪونہ آه. |
| نيئي | نئي | وٺي. |

Gul Hayat Institute

## ڻ

×

## و

| | | |
|---|---|---|
| **واتَئون** | واتَون، واتان | وات مان، مون اجا واتئون (واتون، واتان) حرف ئي نہ ڪڍيو تہ هو ڪاوڙجي پيو. |
| **وات ڦاتوڙو** | واتڙيو | گهڻ ڳالهائُو. |
| **واجھ** | وَجھ | هو واجھ (وجھ) پيو وجهي. |
| **وڏيڪ** | وڌڪ | زياده. هن جي پگهار منهنجي پگهار کان وڏيڪ (وڌڪ) آهي. |
| **وانگار** | ونگار | ڪالھ رونبي جي وانگار (ونگار) ڪئي هيم. |
| **واهَڻُ** | وَهَڻ | ٿورن گهرن واري وسندي. |
| **وانگيان** | وانگي، وانگر | مان کو هن وانگيان (وانگر وانگي) گهٽ وڌ ڪونہ ڳالهائيندس. |
| **ورتو** | وتو | خريد ڪيم. |
| **ورتي** | وتي | خريد ڪيم. |
| **ورتم** | وتم | خريد ڪيم. |
| **ورتائين** | وتائين | خريد ڪيائين. |
| **ورتوم** | ورتم | خريد ڪيم. |
| **ورتئين** | وتئين | هن خريد ڪئي. |
| **وراءِ** | وار | ورق وراءِ (وار). |
| **ورجَئِين** | ورجان، ورج | موٽج. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **وِرهاست** | وراست | ونڊ ورڇ. |
| **وَڙول** | ووڙ | (تلاش). ڍڳيءَ جي وڙول (ووڙ) ڏني آيو آهي. |
| **وِنِواهه** | وَنَهُ | ڪُنوار شادي ڪرڻ کان ٿورا ڏينهن اڳ پردي ۾ وهاري، انکي سنا طعام کارائبا آهن. ڪيس آٽڻ وغيره هڻبو آهي. گويا ڪيس گهوٽ جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. ان رسم کي ونواهه يا ونهه چئبو آهي. |
| **واهه واهه** | وهه وا، وهه وهه | شاباس جا لفظ. |
| **ويهڪ** | وِهڪ | وهڻ جي جاءِ.مينهون ويهڪ (وهڪ) تي آهن. |
| **ويساهه** | ويسه | اعتبار مونتي ويساهه (ويسه) ڪر. |
| **وينجهار** | وينجهر | سياڻو. هو وڏو وينجهار (وينجهر) هو. |
| **ويئي** | وئي | گُذري. هوءَ مائِي هتان لنگهي ويئي [وئي]. |
| **ويئيون** | وييون، وَيون | مايون ڪالهه ڳوٺ وييون (وَيون). |
| **ويهه** | وِهُ | پَٽَ تي ويهه [وهه]. |

## هه

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **هائو/ هان هان** | ها | |
| **هينئون/هنيان** | هِئيون، هان | دِل. منهنجو محبوب لاءِ هينئون (هيون، هانءُ) تو ڦاتي. |
| **هتي/هتڙي** | هِتِ | گلاب اڄ هتي (هتڙي، هت) هئو. |
| **هِتئون/هتائون** | هتان | موتي هن هنڌان هتئون (هتائون، هتان) ڪالهه مينهن وٺي ويو هو. |

| | | |
|---|---|---|
| **هٿئون هٿ** | هٿو هٿ | هي خط هٿئون هٿ (هٿو هٿ) حاجي عمر کي مليو. |
| **هوڏانهن** | هوڏي | هوڏانهن (هوڏي) تہ نِهار. |
| **هيڏانهن** | هيڏي | هيڏانهن [هيڏي] تہ ڏس. |
| **هڙيئي** | هڙئي | سڀ ڪجهہ. |
| **هيڪڙو** | هڪڙو | هڪ ڇڙو. |
| **هنجهر** | هنجهہ، هنس | هڪ مشهور پکي. |
| **هئا/هوا** | ها | هو اتي هوا (هئا، ها). |
| **هُيون** | هُون هُيون | هو مايون اتي (هُون). |
| **هوريان هوريان** | هوري هوري/ هري هري | آهستہ آهستہ. |
| **هونگار** | هونگر | دراڙ جو مال چارڻ وقت مال کي آواز ڏيڻ. |
| **هيراڪ** | هيرڪ | هري ويل. |
| **هيڪار/هڪوار** | هيڪر | هڪ دفعو. |
| **هينئَر** | هِنيَرَ | هن مهل. |
| **هيءَ** | هِيَ | هيءُ [هي] ڪتاب آڪاڻين جو آهي. |

Gul Hayat Institute

# ي

| | | |
|---|---|---|
| يار | ير | دوست. |

[■]

Gul Hayat Institute

# باب بیو

## اسم عام مونث

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# آ

## [ الف مد وارو ]

| اصل | مخفّف | سمجهاڻي |
|---|---|---|
| آبادين | آبادِن | الله ڪندو تہ آبادِيُن [آبادِن] کي ڪو نقصان ڪونہ ٿيندو. |
| آبائتين | آبائتِن | عزّت وارن. |
| آدمين | آدمِن | ماڻهن. |
| آسائتيُن | آسائتِن | آس وارين. |
| آمادين | آمادِن | تيار ٿيل. |
| آڪاڻين | آڪاڻِن | ڳالهين. |
| آدِيسين | آدِيسِن | فقيرن. |
| آدوتيُن | آدوتِن | فقيرن. |
| آديُن | آدِن | آدي ۾ ۵۰ پئسا ٿيندا آهن. |
| آرسيُن | آرسِن | آئينہ. |
| آرين | آرِن | انگل. |
| آڙيُن | آڙِن | آڙي پکي جو قسم آهي. |
| آگرين | آگرِن | سنڌي زبان ۾ هٿن ۽ پيرن جي آگرين [آگرِن] جا بہ نالا آهن. |
| آليُن | آلِن | پنل. |
| آهيڙياڻين | آهيڙياڻن | آهيڙي (بالشاهي). |

Gul Hayat Institute

# الف مقصوره

| | | |
|---|---|---|
| اکين | اکِن | نيٽن. |
| اديُن | اِدن | ڀينرن. |
| اباڻيُن | اباڻِن | اباڻن ڳالهين. |
| ايرِيُن | ايرِن | هيٺين |
| ايوڳيُن | ايوڳِن | بنا سٽ جي. |
| اڄوڪين | اڄوڪن | اڄ وارن. |
| اڏين | اَڏِن | ڪڙ گهر مَنهن اڏڻ. |
| اروڙيُن | اروڙِن | اروڙي گندَ جي جاءِ. |
| استرِيُن | استِرن | زالن. يا ڪپڙي ڪرڻ جي استري. |
| اڪيلِيُن | اڪيلِن | تنها. |
| اُڪرِيُن | اڪرِن | اڪريون ان چڙهڻ لاءِ ڪنير ٺاهيندا آهن. |
| آڳاٽيُن | آڳاٽِن | اڳوڻين. |
| اڳڙين | اڳڙن | ڪپڙي جا ننڍا ٽڪر. |
| الولِيُن | الولِن | موجن، مزن. |
| انڌيُن | انڌِن | نہ ڏسندڙن. |
| اوٻاسيُن | اوٻاسِن | ننڊ اچڻ وقت وات کولڻ. |
| ايلاچيُن | ايلاچِن | ننڍا ڦوٽا. |
| اونداهيُن | اونداهِن | انڌيرن، تاريڪين. |
| انيِيُن | انِين | پٽ رڌڻ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺي. |
| اترادِيُن | اترادَن | اتر جا. |

Gul Hayat Institute

# ب

| | | |
|---|---|---|
| بادشاهيُن | بادشاهِن | حڪومتن. |
| بازاريُن | بازارن | اهو رستو يا گهٽي جنهن جي ٻنهي پاسي دڪان هجن. |
| بانديُن | باندِن | قيدياڻيون. |
| بَتيُن | بَتِن | اها شي جنهن مان روشني پيدا ٿئي مثال طور شمعدان وغيره. |
| بدِڙيُن | بدڙِن | سارين جو قسم. |
| بَسيُن | بَسِن | چيني جون ٻسيون. |
| بُڪيُن | بُڪِن | ٻڪ وارين. |
| بُصريُن | بُصرِن | بصري؛ ڳڙ ۾ گهٽي گيهه سان پيل ماني. |
| بيماريُن | بيمارِن | ناچاڪاين. |
| بربادين | بربادن | تباهين. |
| باداميُن | بادامن | بادام جو جمع. |
| هاريُن | هَارِن | ڪڙمين |
| ياريُن | يارِن | دوستِن. |

Gul Hayat Institute

# ٻ

| | | |
|---|---|---|
| ٻاٽليُن | ٻاٽِلن | ٻاٽلين (ٻاٽلن، ۾ سوڍا واتر هوندو آهي. |
| ٻاريُن | ٻارِن | هاري (ٻارين، ٻارن) ۾ ٻج پوکيندا آهن. |
| ٻاراٽين | ٻاراٽن | ٻاراٽين (ٻاراٽن) ڳالهين تي نه لڳجي. |

| | | |
|---|---|---|
| **ٻانهيُن** | ٻانِهن | ٻانهين (ٻانهن) کان گهٽ ڪم نہ ونجي. |
| **ٻانڌيُن** | ٻانڌِن | ڪاٺي ڪٽڻ وقت ٻن ڪامن جي وچم ٻانڌي ڇڏيندا آهن. |
| **ٻڪريُن** | ٻڪرِن | ٻڪريءَ جو جمع. |
| **ٻليُن** | ٻِلن | ٻليءَ جو جمع. |
| **ٻَنڌيُن** | ٻنڌن | اعصاب. |
| **ٻوٽيُن** | ٻوٽِن | گوشت جا ننڍا ٽڪرا. زمين مان پيدا ٿيندڙ اُهي شيون جن مان دوائون ٺهن. |
| **ٻنيُن** | ٻَنِن | ٻوڪُن. |
| **ٻولِيُن** | ٻولِن | زبانن. |
| **ٻهارُين** | ٻهارِن | ميرڻ صاف ڪرڻ. |
| **ٻهاٽيُن** | ٻهاٽِن | ننڍن گهوڙِن. |
| **ٻيليُن** | ٻيلن | نوڪرن. |
| **ٻيريُن** | ٻيرِن | وڻ جو قسم. |
| **ٻيڙيُن** | ٻيڙِن | ڪشتِن. |

# ٻ

| | | |
|---|---|---|
| **ٻاتِيُن** | ٻاتِن | گهر جي ٻاتين کي وڏي جو ادب ڪرڻ کهرجي. |
| **ٻاڇيُن** | ٻاڇِن | ٻاڇين (ٻاڇن) جا اگهہ وڌندا وڃن. |
| **ٻتيُن** | ٻتِن | ٻتين (ٻتن) کي راڳو ڏجي. |
| **ٻَريُن** | ٻرن | گاهہ جون ٻريون. |
| **ٻنيوريُن** | ٻنيورِن | جيت جا قسم. |
| **ٻولِڙين** | ٻولڙِن | ٻولڙيءَ جو جمع. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٻُورِيُن | ٻورِن | ٻوريون ڳوري رنگ جون. |
| ٻلاريُن | ٻلارِن | سڳورِن. |
| ٻونگيُن | ٻونگِن | جھوپڙيون. |
| ٻوڳڙيُن | ٻوڳڙِن | ٻڳڙن ناهڻ وارا. |
| ٻيلِٽيُن | ٻيلِٽِن | ٻيل ذات جون عورتون. |

# ت

| | | |
|---|---|---|
| تارازين | تارازِن | ساهمين. |
| تاڙِيُن | تاڙِن | در جي طاقن. |
| تاساريُن | تاسارِن | اجارن |
| تَڏيُن | تڏِن | پيش مان نهيل ننديون تڏيون. |
| تِڏيُن | تِڏن | جيتَ جو قسم جي سلا تڪينديون آهن. |
| تسريُن | تسرن | اونهيون نہ ويڪريون ٿالهيون. |
| تِڪيُن | تِڪن | تيز. |
| تڪڙيُن | تَڪڙِن | هلڻ جون چوهيون. |
| توريُن | تورِن | ٻاجي جو قسم. |
| تِيلِيُن | تِيلن | ڪٽڪ جون تيليون جنهن مان دبڪيون ٺهن. |
| تيليُن | تيلِن | سانوريون عورتون. |
| تغاريُن | تغارِن | لوهيون تيون. |

Gul Hayat Institute

## ت

| | | |
|---|---|---|
| تالهيُن | تالِهن | ڪائڻ جا تانوَ (تانءُ) [پليٽون]. |
| تاقيُن | تاقِن | تاقي سان ڪنير تانو نپيندا آهن. |
| تَڏيُن | تَڏِن | تڏِن سبب بخار تي پيا آهن. |
| تُڏِيُن | تڏِن | ڪاٺي جون تڏيون. |
| تُلهيُن | تُلهِن | تلهيون عورتون. |
| تيلهيُن | تيلهِن | ڪپڙي يا پلاسٽڪ جون تيلهيون. |
| تَڪِليُن | تڪلِن | پند ۾ تڪل عورتون. |

## ٽ

| | | |
|---|---|---|
| ٽالهيُن | ٽالِهن | ٽالهي وڻ جو قسم. |
| ٽَپڙيُن | ٽپڙِن | ڪپڙي يا ڳوڻ جو ٽڪر، جيڪو صفائي جي يا ويهڻ جي ڪم اچي. |
| ٽِپڙيُن | ٽِپڙِن | ٽڪر جون ٽپيون. |
| ٽجوڙيُن | ٽجوڙِن | لوه جون ٽجوڙيون. |
| ٽوپيُن | ٽوپِن | جيڪب آباد سنڌي ٽوپين (ٽوپِن) جو مرڪز آهي. |
| ٽوڪريُن | ٽوڪرِن | ٽوڪرين (ٽوڪرن) ۾ گل ٻه وجهبا آهن. |
| ٽوليُن | ٽولِن | ڪونجون ٽولين (ٽولِن) جي صورت ۾ اُڏامنديون آهن. |
| ٽهاٽِين | ٽهاٽِن | ٽن سالن جي وچ ڪي ٽهاڻ چئبو آهي. |
| ٽيڏين | ٽيڏِن | ٽيڏِين (ٽيڏِن) اکين جو ٻه علاج آهي. |

Gul Hayat Institute

# ٽ

| | | |
|---|---|---|
| ٽاپين | ٽاپن | ٽاپيءَ جو جمع، جنهن جي معنىٰ ملائڻ بہ آهي. |
| ٽپڻين | ٽپڻن | ڪنيرن جو اوزار جنهن سان ٽانو ٽپن. |
| ٽِڪرِيُن | ٽِڪرِن | رستي تي ٽڪرين (ٽِڪرِن) جا ٽڪر پيل هُئا. |
| ٽَڳين | ٽڳن | ٽڳين (ٽڳنِ) مان ڪا بہ هڙ حاصل نہ ٿيندي. |
| ٽمريُن | ٽُمرِن | راڳ جو قسم. |
| ٽونٽيُن | ٽونٽِن | جنگ ۾ سپاهي ٽونٽين (ٽونٽِن) پر بہ رڙهندا آهن. |
| ٽوڙهِيُن | ٽوڙهِن | جن ڪي سنگ نہ هجن. |
| ٽومِيُن | ٽومِن | جن ڪي سنگ نہ هجن. |
| ٽيڪرِيُن | ٽيڪِرن | ٽڪر وڪڻندڙ دڪاندار. |

# ٺ

| | | |
|---|---|---|
| ٺابِتيُن | ٺابِتن | ڳالھ سچي ڪرڻ لاءِ ٺابتين (ٺابتن) جي ضرورت آهي. |

# پ

| | | |
|---|---|---|
| پاتارِيُن | پاتارِن | هيٺ سمهڻ جون جايون. چور جتي مال لڪائين. |
| پاتِيُن | پاتُن | پاتن ۾ پيت ڪائبو. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| قيڪارِيُن | قيڪارِن | گدڙ جي قيڪارين (قيڪارن) تي ڪتا ويا. |
| قِيٽاهين | قيٽاهِن | پکي جو قسم. |
| قَڪِيُن | قَڪِن | ستن قڪين (قڪن) فرق ڪونہ ڪيو. |
| قارِيُن | قارِن | بسڪوٽن جي قارين (قارن) ۾ بسڪوٽ ڪٽل آهن. |
| قَٽِيُن | قَٽِن | قٽين (قٽن) سان وار سنواري ڇڏ. |

## ج
×
## ڄ

| | | |
|---|---|---|
| جائِيُن | جائِن، جايُن | جَڳهين. |
| جاڙِيُن | جاڙِن | گڏ جاول ٻن ڀينرن کي جاڙيون ڄڻبو. |
| جارِيُن | جارِن | پيٽ ۾ جارين (جارن) سبب هوا ايندي. |
| جُتيُن | جُتِن | مسجد ۾ جُتين (جُتنِ) جا چور بہ ايندا آهن. |
| جدائِيُن | جدائِن. | جدائين (جدائِن) جي گهڙي بہ سال برابر آهي. |
| جُوارِيُن | جُوارِن | جوئر جون پوکون. |
| جُوارين | جوارِن | جوا کيڏندڙن. |
| جوڳِين | جوڳِن | فقيرن. |
| جَهڙِيَن | جَهڙِن | هن باز جهڙين (جهڙِن) اکين سان پئي نهاريو. |
| جيجِيُن | جيجِن | مائرن. |

Gul Hayat Institute

# ڄ

| | | |
|---|---|---|
| ڄارُين | ڄارِن | تارن جي ڄارين (ڄارن) سان ڄاءِ جون دريون بند هونديون ته مڇر نه ايندا. |
| ڄاڙُين | ڄاڙِن | هُن جي ڄاڙين (ڄاڙن) ۾ سور آهي. |
| ڄالُين | ڄالِن | ڄالين (ڄالن) ۾ پيرون ٿيندا آهن. |
| ڄيئُن | ڄين | باه جي ڄيين (ڄين) سان لوڙهو سڙي ويو. |
| ڄرڪُين | ڄَرِڪن | مڇي جو قسم. ڄرڪن جو مونث. |

# جھ

| | | |
|---|---|---|
| جهاتِيُن | جهاتِن | خواه مخواه جهاتين (جهاتن) پائڻ مان عورت لاءِ بدگماني ٿيندي. |
| جهانگُين | جهانگِن | جهنگ ۾ رهندڙ. مارئي چيو ته عمر جهانگين (جهانگن) جي جهوريءَ ماري وڌو اٿم. |
| جهِرڪُين | جهِرڪِن | جهرڪين (جهرڪن) ۾ سدائين جهيڙو هوندو آهي. |
| جهُڳُين | جهُڳن | جهوپڙين. |
| جَهنڊُين | جهنڊِن | جهنڊين (جهنڊن) سان دڪان سينگاريو اٿم. |
| جهولُين | جهولِن | سخي، فقيرن جي جهولين (جهولن) کي ڀريو ڇڏين. |
| جُهونِيُن | جهونِن | پراڻن. جهونين (جهونن) رسمن کي ڇهتي نه پئجي. |

Gul Hayat Institute

# چ

| | | |
|---|---|---|
| **چاپِيُن** | چاپِن | چاپين (چاپن) سان ڪلف ڪول. |
| **چاڏِين** | چاڏِن | چاڏين (چاڏن) ۾ ڪير ولوڙبو آهي. |
| **چاڙهيُن** | چاڙهن | ڪار ڪي چاڙهين (چاڙهن) تي خبرداري سان چاڙهجي. |
| **چنِيُن** | چنِن | ڏاڙيلن جي چنين (چنن) ڳوٺ ڦتائي ڇڏيا. |
| **چُغِليُن** | چغلِن | چغلين (چغلن) هٽڙ سان ٻارڻ ٻريو پوي. |
| **چَڪِيُن** | چَڪِن | باغ ڪي ٻين چڪين (چڪن) سان وڌايو. |
| **چَڪِيُن** | چَڪن | چڪن سان اٽو سنهو ڪريو. |
| **چوياريِن** | چويارن | گهرَ جو ڪم ٻه ڪريو سڄو ڏينهن چوپارين (چويارن) ۾ نه گذاريو. |
| **چوتِيُن** | چوتِن | وڻن جي چوتين (چوتن) تي پکي وهندا آهن. |
| **چونيُن** | چونِن | هاري هرن ۾ چونين (چونن) سان زمين کيڙيندا آهن. |
| **چيلهيُن** | چيلهن | ملهه چيلهين (چيلهن) ۾ سندرا ٻڌندا آهن. |
| **چڙيُن** | چَڙِن | ڏنارن ڪي چڙين (چڙن) جي چونگار وڻندي آهي. |

Gul Hayat Institute

# ڇ

| | | |
|---|---|---|
| **ڇاتِيُن** | ڇاتِن | مائرون ٻارن ڪي ڇاتين (ڇاتن) سان لائيندي يون آهن. |
| **ڇاڙڪيُن** | ڇاڙِڪِن | اڳي ڇاڙڪيُن (ڇاڙڪن) سان ڪپڙو ماپبو هو. |

| | | |
|---|---|---|
| **چانھُين** | چانِهن | ڪڇي ۾ چانھين (چانھن) جو فصل پلو ٿيندو آھي. |
| **چَتِيُن** | چَتن | اونھاري ۾ چتين (چتن) سان اس کان بچاءُ ڪجي. |
| **چُرين** | چُرن | چرين (چرن) سان گوشت کي وڌ. |
| **چورِيُن** | چورن | چورين (چورن) رڙيون ڪري ننڊ ڦٽائي ڇڏي. |
| **چوڪرِيُن** | چوڪِرن | چوڪرين (چوڪرن) کي پڙهائڻ گهرجي. |
| **چولِيُن** | چولن | درياءَ جي چولين (چولن) جي سھڻيءَ پرواھ ئي نه ڪئي. |
| **چيگرِيُن** | چيگرن | گدلين، چيگرين (چيگرن) عورتن مان نفرت ايندي آھي. |
| **چيٽِيُن** | چيٽن | واڍو چيٽين (چيٽن) سان بُند پيو ڏاري. |

# ح

| | | |
|---|---|---|
| **حُسينيُن** | حُسينن | حسينين (حسينن) کي حشر جو کھڙو ڊپ. |
| **حڪمرانِيُن** | حڪمرانن | اڄ ڪله حڪمرانين (حڪمرانن) کي هميشه فوج مان خطرو رهي ٿو. |

Gul Hayat Institute

# خ

| | | |
|---|---|---|
| **خاصخيلين** | خاصخيلن | خاصخيلين (خاصخيلن) ۾ به وڏا وڏا عالم آھن. |
| **خاطرين** | خاطِرن | پڪ ڏيارڻ. |
| **خُنڪيُن** | خُنڪِن | تازگين. |

| | | |
|---|---|---|
| خوبين | خُوبن | خوبين (خوبن) وارو ماڻهو سڀ کي پيو وڻي. |
| خَامين | خامِن | خامين (خامن) کان ڪوبہ بچل ناهي. |

## د

| | | |
|---|---|---|
| دابلين | د ابِلن/ دبلن | دابِلين (دابلن) ۾ موتي سوگھا رکو. |
| دادلين | دادِلن | هَٽُ ڪيترن دادلين (دادِلن) کي در تان ڏڪايو ڇڏي. |
| دانگين | دانگِن | دانگين (دانگن) تي ماني پچايو. |
| ديڪين | ديڪِن | ديڪين (ديڪن) تي ماني رکو. |
| دِلين | دلِن | دلين (دلن) مان غير ڪڍو. |
| دَنگين | دَنگِن | ٻيڙين (دنگن) دنگين تي چاڙهي مهاڻا پار ڪيو ڇڏين. |
| دونهين | دونهِن | ميهار مينهن کي دونهين (دونهن) ڪرڻ سان مڇرن کان بچائين ٿا. |
| ديسين | ديسِن | ملڪ وارن. |
| ديگين | ديگِن | ديگين (ديگن) ۾ يت رڌبو. |
| دُنبين | دُنبِن | دنبين (دنبن) جي دُنبِ ۾ وَهہ ٿيندي آهي. |
| دَڪين | دَ ڪِن | دڪين (دڪن) ۾ پاڻي وجهو. |
| دِيهين | دهِن | هن سال گھڻن ديهين (ديهن) ۾ فصل ڪونهي. |

Gul Hayat Institute

## ڌ

| | | |
|---|---|---|
| ڌارِيُن | ڌارِن | پراين. ڌارين (ڌارن) عورتن ڏانهن نہ نهارجي. |
| ڌُوتِيُن | ڌُوتِن | ڌوتين (ڌوتن) عورتن کان پاسو ڪجي. |
| ڌوُتيُن | ڌُوتِن | هندو ڌوتين (ڌوتن) سان گهمندا هئا. |
| ڌِيئُن | ڌِين | امام بخش کي ڌيئن (ڌُين) جو ڏڻ آهي. |

## ڏ

| | | |
|---|---|---|
| ڏاتيُن | ڏاتِن | ڏاتين (ڏاتن) سان لاڀارو ڪبو آهي. |
| ڏاچيُن | ڏاچِن | ڏاچين (ڏاچن) جو کير جلندر کي فائدو ڏيندو آهي. |
| ڏاڙهِيُن | ڏاڙهِن | هي جُوان ڏاڙهين (ڏاڙهن) سان ٺيا آهن، پر ڪم ڪونہ ٿا ڪن. |
| ڏانداريُن | ڏاندارِن | هاري ڏاندارين (ڏاندارن) سان ان گڏ ڪندا آهن. |
| ڏاهيُن | ڏاهِن | ڏاهين (ڏاهن) عورتن جا ڏس فائدي وارا هوندا آهن. |
| ڏوليُن | ڏولِن | ڏولين (ڏولن) ۾ وڏ گهراڻيون عورتون چڙهنديون هيون. |
| ڏيديُن | ڏيدِن | ڏيدين (ڏيدن) تي ماڻهو وهارڻ چڱو آهي. |
| ڏوهيُن | ڏوهِن | ڏوهين (ڏوهن) کي ڏوه جي معافي ڏيڻ ثواب آهي. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ڏوھتِيُن** | ڏوھتِن | ناني ڏوھتين (ڏوھتن) کي گھڻو پائيندي آھي. |
| **ڏيھِيُن** | ڏيھِن | ملڪي ماڻھن، ڏيھين (ڏيھن) ماڻھن سان سر لڳي. |

## ڊ

| | | |
|---|---|---|
| **ڊيوڙيُن** | ڊيوڙِن | پيرين اگھاڙي ڊيوڙين (ڊيوڙن) ۾ گھمندو نہ ڪر. |
| **ڊڃٽيُن** | ڊِڃٽِن | ڊڃٽيُن (ڊڃٽن) عورتن کي سدائين ڪونہ ڪو وھم ھوندو آھي. |
| **ڊوڪِڙيُن** | ڊوڪِڙن | پيچ ڊُڪ. |
| **ڊگھيُن** | ڊگھِن | ڊگھين (ڊگھن) عورتن کي چادرون بہ ڊگھيون ھجن. |
| **ڊونڊيُن** | ڊونڊِن | ننڊين ٻيڙين. |
| **ڊوھيُن** | ڊوھِن | قسمن. جوڳي نانگ کي ڊوھين (ڊوھن) وجھڻ سان پڪڙيو وٺن. |

## ڍ

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ڍاٽيُن** | ڍاٽِن | ڍٽ جا، ڍاٽين لاءِ (ڍاٽن) اُن جي سواري سھنجي ھوندي آھي. |
| **ڍِبيُن** | ڍِبن | ڍبين (ڍبن) سان پکي ڦاسائبا آھن. |
| **ڍَڪَٽين** | ڍَڪَٽِن | ڍڪٽين (ڍڪٽن) سان دلا ھميشہ ڍڪڻ گھرجن. |
| **ڍِڳين** | ڍِڳن | ڍِڳين (ڍڳن) کي گاھ وجھ. |
| **ڍوريُن** | ڍورِن | ڍوريُن (ڍورن) ۾ پاڻي اڇي ويو آھي. |
| **ڍيريُن** | ڍيرِن | گند جي ڍيريُن (ڍيرن) کي باھ ڏني ڇڏيو. |

# ڏ

| | | |
|---|---|---|
| **ڏاتِيُن** | ڏاتِنِ | ماڻھن جي ڏاتين (ڏاتن) جو ڳاڻاٽو ئي ڪونھي. |
| **ذميدارِيُن** | ذميدارِن | ھر ڪنھن ملازم کي پنھنجي پنھنجي ذميدارين (ذميدارن) جو احساس ھئڻ گھرجي. |
| **ڏرِيُن/ ڏرڙِين** | ڏَرِنِ | ٻاري جي ڏرِيُن، ڏرڙِيُن (ڏرِن) ۾ فولاد ٻہ ھوندو آھي. |

# ر

| | | |
|---|---|---|
| **راتيُن** | راتِن | راتين (راتن) جو جاڳي رب کي ريجھاءِ. |
| **راڄڌانِيُن** | راڄڌانِن | حڪومت جي گادين. اڄ ڪلھ ڪيترن ملڪن جي راڄڌانين (راڄڌانِن) ۾ گوڙ متل آھي. |
| **راڳڻِيُن** | راڳِڻن | موسيقي جا ماھر راڳڻين (راڳڻن) کي سمجھيو وڃن. |
| **راڻين** | راڻِن | راڻين (راڻن) جون رمزون راجا ئي سمجھي سگھن ٿا. |
| **راھدارِين** | راھدارِن | راھدارِين (راھدارن) ھوندي ڪوبہ رستي روڪ نہ ڪندو. |
| **رُتيُن** | رُتِن | رتيُن (رتن) ۾ بھار جي رت ڀلي آھي. |
| **رڙيُن** | رَڙِن | ھنکي رڙين (رڙن) ڪرڻ جي عادت آھي. |
| **رسِيُن** | رَسنِ | رسين (رسن) سان تنبو سوگھو ٻڌو. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **روٽيُن** | روٽِن | مانِن |
| **روهيُن** | روهِن | روهين (روهن) تي اوزار تکا ڪبا آهن. |
| **ريڙهِين** | ريڙهِن | بازارن ۾ ريڙهين (ريڙهن) سبب رستي روڪ ٿيو پوي. |
| **ريوڙيُن** | ريوڙِن | عطري ريوڙين (ريوڙن) ۾ مزو هوندو آهي. |
| **راڳيُن** | راڳِن | راڳيندڙن. |

## ڙ × ز

| | | |
|---|---|---|
| **زاريُن** | زارِن | منٺن زارين (زارن) سان محبوب کي ريجهاءِ. |
| **زنانيُن** | زنانِن | زنانيُن (زنان) ڳالهين ۾ مردن جو ڪهڙو ڪم. |
| **زخميُنِ** | زخمِن | زخمين (زخمن) جا زخم مَس مَس ڇٽا آهن. |

## س

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ساٿِيُن** | ساٿِن | سنگتين. امام حسينؑ جي ساٿين (ساٿن) ڪربلا ۾ ڪوفن کي ٽوٽا ڇپايا. |
| **ساڙهيُن** | ساڙِهن | اڄڪلهه عورتن ۾ ساڙهين (ساڙهن) پائڻ جو رواج وڌندو پيو وڃي. |
| **ساموندين** | ساموندن | ساموندين (ساموندن) سڙهه سنباهيا آهن. |

| | | |
|---|---|---|
| سامِيُنِ | سامِن | فقيرن. سامين (سامن) لڌا ڪنيا. |
| سَتيُن | سَتن | پاڪدامن عورتن. سڪر پرسان ستين (ستن) جو آستان آهي. |
| سگِرُين | سِگِرِن | ٻڪريون سنگرين (سنگرن) کي خوب ڪائين ٿيو. |
| سِنڌيُن | سنڌِن | سنڌ جي رهاڪن. سنڌين (سنڌن) کي پورا حق نٿا ملن. |
| ساڳيُن | ساڳِن | ساڳين ساڳين (ساڳن) فقيراڻِن کي خيرات پيا ڏيو. |
| ساديُن | سادِن | سادين (سادن) ڪَتن جو ملھ بہ سادو. |
| ساريُن | سارِن | هن سال سارين (سارن) جو فصل گهٽ ٿيو آهي. |
| ساقيُن | ساقِن | ساقين (ساقن) هٿان پيالا پيتا اٿم. |
| ساهيڙيُن | ساهيڙِن | زليخا جي ساهيڙين (ساهيڙن) چاقن سان هٿ وڍي وڌا. |
| سانداريُن | ساندارِن | سانداريُن (ساندارن) ۾ پاڻي پري اچو. |
| سياڻِين | سياڻِن | سياڻين (سياڻن) عورتن جون ڳالهيون بہ سٺيون هونديون آهن. |
| سُپيريُن | سُپيرن، سپرن | سڄڻن، سپيرين (سپرن) جي ڳڻن جون ڳالهيون ڪهڙيون ڪجن! |
| سَميُن | سَمن | نوري نياز سبب سمين (سمن) ڪان گوءِ کٽي ويئي. |
| سوڪڙيُن | سوڪڙن | هڪبئي کي سوڪڙين (سوڪڙن) ڏيڻ سان محبت وڌي ٿي. |
| سُهڻيُن | سُهڻِن | سهڻين (سهڻن) عورتن جا لڇڻ بہ سهڻا هئڻ گهرجن. |

Gul Hayat Institute

# ش

| | | |
|---|---|---|
| **شادُين** | شادِن | خوشين. شادِين (شادن) ۾ اجايو خرچ نہ ڪجي. |
| **شڪارُين** | شڪارِن | شڪار ڪندڙن. |
| **شيشُين** | شيشِن | شيشين (شيشن) ۾ دوائون محفوظ رهن ٿيون. |
| **شهزادُين** | شهزادِن | مغل شهزادين (شهزادِن) کي انگريزن تڪليفون ڏنيون هيون. |

# ص

| | | |
|---|---|---|
| **صحبتِين** | صُحبتن | صحبتين (صحبتن) کي ڪٿهن بہ نہ وسارجي. |
| **صافُين** | صافِن | مڪان ۾ صافين (صافن) کي صاف رکو. |
| **صدُين** | صَدِن | صدُين (صدن) پڄاڻا آزادي ملي اٿئون. |
| **صدرُين** | صَدرِن | صدرين (صدرن) پائڻ جو رواج اڳي گھڻو هو. |
| **صندلُين** | صَندلِن | منجن. صندلين (صندلن) تي ويهي ڪچهري ڪريو. |
| **صوفُين** | صوفِن | صوفُين (صوفن) صاف ڪيو ڏوئي ورق وصال جو. |

Gul Hayat Institute

# ض

| | | |
|---|---|---|
| **ضائفائن** | ضائفن | عورتن. ضائفائن (ضائفن) جو چنو وهانءَ ۾ الڳ ڪبو آهي. |
| **ضبطُين** | ضَبطن | بئلف ضبطُين (ضبطن) جا سمن ڪيدرايا آهن. |

# ط

| | | |
|---|---|---|
| **طنبورُين** | طنبورِن | ساز. |

# ظ

| | | |
|---|---|---|
| **ظولمين** | ظولمن | ظولمين (ظولمن) ڏاڙيلن ظلم مچائي ڏنو آهي. |

# ع

| | | |
|---|---|---|
| **عاجزُين** | عاجزِن | عاجزين (عاجزن) سان راڙو ريجهندو. |
| **عاصيُن** | عاصِن | الله تعاليٰ شال عاصين (عاصن) جا عيب نہ اگهاڙي. |
| **عريضيُن** | عريضِن | منهنجي عريضيُن (عريضن) جو اجا نتيجو نہ نڪتو آهي. |
| **عُمريُن** | عُمرِن | چمارن. |

Gul Hayat Institute

# غ

| | | |
|---|---|---|
| **غازيُن** | غازِن | مجاهدن. غازين (غازن) جا بهشت ئي جدا. |
| **غريباڻِين** | غريباڻِن | غريباڻين (غريباڻن) جايُن ۾ سامان بہ غريباڻو. |

| | | |
|---|---|---|
| **غمِيُن** | غَمِن | شادين. غمين (غمن) ۾ اجايو خرچ نہ ڪجي. |
| **غلطيُن** | غلِطِن | غلطين (غلطن) ڪان ڪو بچيل ڪونہ آهي. |
| **غورِيُن** | غورِن | محمود غزنوي ڪان پوءِ هند تي غورين (غورن) حملو ڪيو هو. |

# ف

| | | |
|---|---|---|
| **فارسِيُن** | فارسِن | فارسين (فارسن) جو ملڪ ايران آهي. |
| **فَراسيُن** | فراسِن | ڪيترا قيدي فراسين (فراسن) جو هنر ڄاڻندا آهن. |
| **فرنگِيُن** | فرنگِن | فرنگين (فرنگن) سنڌ تي ١٨٤٣ع ڪان ١٩٤٧ع تائين حڪومت ڪئي. |
| **فلاٹِيُن** | فلاٹِن | فلاٹين (فلاٹن) عورتن ڪي چئجو تہ سياٹي لاباري تي اچن. |

Gul Hayat Institute

# ق

| | | |
|---|---|---|
| **قَرضِيُن** | قرضِن | قرضين (قرضن) ڪي قرض معاف ڪرڻ اجر جو ڪم آهي. |
| **قينچِيُن** | قينچن | درزي قينچين (قينچن) سان ڪپڙو ڪتريندا آهن. |

# ڪ

| | | |
|---|---|---|
| ڪاتُين | ڪاتن | ڪاتين (ڪاتن) ڪنا ڪيترا، اڪين ڪُٺي آئون. |
| ڪائُين | ڪائِن | ڪائين (ڪائن) جا اگهه چوٽ تي آهن. |
| ڪاپڙِين | ڪاپڙِن | فقيرن. ڪاپڙين (ڪاپڙن) جو لڏو ڪاله ڪابل طرف ويو. |
| ڪارُين | ڪارِن | ڪارين (ڪارن) ۾ وڏا ماڻهو چڙهندا آهن. |
| ڪارِين | ڪارِن | ڪارين (ڪارن) ڪوجهن عورتن کي ٻلي ڳل لايو. |
| ڪارُين | ڪارِن | ڪمن. سيڪو ڪمن ڪارين (ڪارن) ۾ مشغول آهي. |
| ڪافُين | ڪافِن | مصري فقير ڪافين (ڪافِن) ڳائڻ جو ماهر هو. |
| ڪافِين | ڪافِن | قلندر جي ڪافين (ڪافن) ۾ روزانو راڳ ٿئي ٿي ٿئي. |
| ڪاڪِين | ڪاڪِن | چاچن. ڪاڪين (ڪاڪن) کي کهڙي ڪل ته مونتي ڇا گذريو. |
| ڪاٽُين | ڪاٽِن | ڪاٽين (ڪاٽن) عورتن کي ڪجل ڪيئن نهي. |
| ڪاٽين | ڪاٽِن | غرضن. آئون ته هنن جي ڪاٽين (ڪاٽن) ڪيڏڻ ۾ ئي پورو آهيان. |
| ڪبوترُين | ڪبوترِن | ڪبوترُين (ڪبوترن) آنا لاٿا آهن. |
| ڪبوترُين | ڪبوترِن | تماشي ڪندڙ عورتون. ڪبوترين (ڪبوترن) جو تماشو ڏسڻ وٽان هو. |

Gul Hayat Institute

**ڪُپڙيُن** ڪُپڙن ڪپڙين (ڪپڙن) ۾ مس وجهي ڇڏيو.

**ڪِنگريُن** ڪنگرِن لوڙين. نار جي ڪنگرين (ڪنگرن) کي مالھ سان سوگهو ٻڌي ڇڏ.

**ڪُنگريُن** ڪُنگرِن ڪوٽ جي ڪنگرين (ڪنگرن) جي مرمت ڪرائي ڇڏيو.

**ڪيوڙيُن** ڪيوڙن ٻَهَ. ڇوڪري جي ڪنن کي ڪيوڙين (ڪيوڙن) سُجائي وڌو آهي.

**ڪَليُن** ڪَلِن هُن کي ڪليُن (ڪلِن) ۾ سور آهي.

**ڪُرسيُن** ڪرسِن ٻيگل ڪرسيُن (ڪرسن) جي مرمت ڪرائڻ گهرجي.

**ڪَهاٽيُن** ڪهاٽن امير حمزي جي ڪهاٽين (ڪهاٽن) ۾ مزو آهي.

**ڪُهاڙيُن** ڪُهاڙِن ڪهاڙين (ڪهاڙن) سان ڪاٺ ڪپيو.

## ک

**کاڙِيُن** کاڙِن واهن کي کاڙين (کاڙن) جي ضرورت آهي.

**کامِڙين** کامڙِن کامان هٽندڙ.

**کانياٽين** کانياٽِن هاري کانياٽين (کانياٽن) سان جهار پيا هڪلين.

**کتيُن** کتَنِ ٽَرَ جي کتيُن (کتن) جي اُٽت سني هوندي آهي.

**کجيُن** کجن هن سال کجين (کجن) ۾ کجور گهٽي ٿي ھُئي.

**کرکيُن** کرکِن ٻڪرارَ ٻڪرين جي کرکين (کرکن) جي آواز تي ڏڻ جو طرف سجاڻي وٺندا آهن.

**کُڙيُن** کُڙِن پنڌ ڪيو اٿم سو کُڙين (کڙن) ۾ سور ٿي پيو اٿم.

**کوڙيُن** کوڙِن ان جي ٻن کوڙين (کوڙن) مان هڪ هاري کي ڏيو.

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| **ڪستورين** | ڪستورن/ ڪتورن | خونن ۽ ڪستورين (ڪتورن) کي ڪير لڪائي. |
| **کھُين** | کُھن | ڪاڇي ۾ هن سال کھين (کھن) جو پاڻي به سڪي ويو. |
| **ڪنپُين** | ڪُنپِن | مينهن تي ڪنپين (ڪنپن) جا ڪوڙ ٿي پيا. |
| **ڪينھوڙين** | ڪينھوڙِن | هوڙين. بار ڪينھوڙين (ڪينھوڙن) سان راند پيا ڪن. |

# گ

| | | |
|---|---|---|
| **گابِيُن** | گابِن | گابين (گابن) مان ته ڳئون ٿينديون. |
| **گاديُن** | گادن | گادين (گادن) تان هڪڙا پيا لھن ٻيا پيا وھن. |
